جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه

جلد 16 | اربع 23 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 10 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو342

وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس، اسڪولن ۾ ميل پروگرام کي وڌيڪ ضلعن تائين وڌائڻ جو فيصلو

جنهن ۾ اسڪول ڪاڌي، غذائيت، صحت، موسمياتي لچڪ ۽ سماجي تحفظ سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسڪول ميلز، غذائيت، موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ قدم ۽ سماجي تحفظ جي شعبن ۾ تعاون وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي غور ڪيو ويو

پروگرام لاءِ آمريڪي زراعت کاتي پاران لڳ ڀڳ 80 ملين ڊالر جي گرانٽ فراهم ڪئي وئي آهي، جنهن تحت سنڌ جي 5 ضلعن جي 1336 سرڪاري اسڪولن ۾ اڍائي لک شاگرد فائدو حاصل ڪندا

ڊبليو ايف پي پاران ڪياماڙي ۽ ملير، 'سيئو دي چلڊرن انٽرنيشنل' پاران سجاول، ٺٽي ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ پروگرام تي عمل ڪيو ويندو

پروگرام تحت اسڪولن ۾ ڪاڌي جي فراهمي سان گڏ واش سهولتن جي بحالي، غذائيت بابت تعليم، خوراڪ جي تحفظ ۽ صفائي، خواندگي ۾ بهتري ۽ ٻارن جي تحفظ بابت سرگرمين پڻ شامل آهن

ڊبليو ايف پي جو پروگرام ڪياماڙي ۽ ملير جي 614 اسڪولن ۽ لڳ ڀڳ هڪ لک شاگردن کي پنجن سالن تائين ڏنو ويندو

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر)سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ عالمي اداري خوراڪ (ڊبليو ايف پي) پاڪستان جي نمائندي انيتا هرش وچ ۾ وزيراعليٰ هائوس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ اسڪول ڪاڌي، غذائيت، صحت، موسمياتي لچڪ ۽ سماجي تحفظ سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو اجلاس ۾ سنڌ حڪومت ۽ ڊبليو ايف پي وچ ۾ جاري سهڪار ۽ مستقبل جي پاءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه سان ڊبليو ايف پي جي نمائندي ملاقات ڪندي

ڪي پي جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا

اسلام آباد (بيورو) خيبر پختونخواهه جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسلام آباد ڪنٽينرز سان سيل، اسڪولن ۾ موڪل، فوج جو گشت

اسلام آباد(بيورو) وفاقي گاديءَ واري شهر جي پوليس موجب اسلام آباد ۾ هڪ هزار ڪنٽينرز پڪڙي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

خيبرپختونخوا جي سيڪيورٽي صورتحال تي اهم بريفنگ، عاصم منير جون فارميشنز کي سخت هدايتون

چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پشاور ڪور هيڊڪوارٽرز پهچي ويو، جتي کيس خيبر پختونخوا جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي جامع بريفنگ ڏني وئي

سرحدي انتظام بابت قدمن ۽ مقرر فوجي دستن جي آپريشنل تيارين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. کيس سرحدي انتظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪيل قدمن کان پڻ آگاهه ڪيو ويو

فيلڊ مارشل عاصم منير فوجي دستن کي هر وقت چوڪس رهڻ ۽ اعليٰ ترين آپريشنل تياري برقرار رکڻ جي هدايت

هٿياربند فوجون قوم جي غيرمتزلزل سهڪار سان دهشتگردي کي شڪست ڏيڻ لاءِ پرعزم آهن ۽ ملڪ ۾ ديرپا امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکنديون: عاصم منير

هن آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلن، تياري ۽ پيشوراڻي صلاحيتن کي ساراهيندي ملڪ ۽ عوام جي تحفظ لاءِ سندن ثابت قدمي جي واکاڻ ڪئي

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پشاور ڪور هيڊڪوارٽرز ۾ يادگارِ شهدا تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو

راولپنڊي(م د) چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پشاور ڪور هيڊڪوارٽرز پهچي ويو، جتي کيس خيبر پختونخوا جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي جامع بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل عاصم منير کي صوبي ۾ جاري دهشتگردي خلاف ڪاروائين، سرحدي انتظام بابت قدمن ۽ مقرر فوجي دستن جي آپريشنل تيارين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

گهرو وزير محسن نقوي جي ايراني صدر سان ملاقات، اقتصادي ۽ علائقائي تعاون وڌائڻ جو اظهار

داخلي ۽ علائقائي وسيلن تي پاڙيندي پنهنجون ڪيتريون ئي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي سگهن ٿا : ايراني صدر

هن گذريل ڪجهه مهينن جي دوران پاڪستان ۽ ايران جي اعليٰ اختيارين جي مسلسل گڏيل رابطن جو حوالو

خطي ۾ آمريڪي مداخلت وڌڻ جي حوالي سان ٻنهي مسلمان ملڪن جي اختيارين جا هڪ ٻئي پنيان ڪوٺايل اجلاس مسلسل رابطن جي چٽي نشاني آهن

تهران (م د) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ايراني صدر سان ملاقات ڪئي آهي. جنهن ۾ ٻنهي ملڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

سعودي عرب ۾ ميزاب گروپ پاڪستان لاءِ وڏو اعزاز، ”مبادر ايوارڊ“ سان نوازيو ويو

ايوارڊ سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزارت جي اهتمام هيٺ جده جي حيات پارڪ هوٽل ۾ منعقد ٿيل هڪ شاندار تقريب دوران ڏنو ويو

تقريب جو خاص مهمان سعودي عرب جو حج ۽ عمري وارو وزير ڊاڪٽر توفيق بن فوزان الربيعه هو

جده(رپورٽر)ميزاب گروپ پاڪستان حج ۽ عمري جي زائرين لاءِ نمايان خدمتن جي اعتراف ۾ سعودي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

جده: سعودي عرب ۾ ميزاب گروپ پاڪستان لاءِ وڏو اعزاز، ”مبادر ايوارڊ“ سان نوازيو ويو

وزيراعظم پاران 6 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

سيڪيورٽي فورسز بهادري ۽ پيشيوارانه مهارت جي ذريعي دهشتگردن جي ڪڌي ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو : وزيراعظم

پاڪستان جي امن، سلامتي ۽ ترقي کي نقصان پهچائڻ جي هر ڪوشش کي پوري قوت سان ناڪام بڻايو ويندو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

وزيراعظم جو جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان کي فون، لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جي درخواست

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ايم ڪيو ايم جي ڳالهين کي سنجيده نٿا وٺون، ڪا حيثيت ناهي: ناصر شاهه

اردو ڳالهائيندڙن ايم ڪيو ايم جي ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي

ڪراچي جي اردو ڳالهائيندڙن کي يقين ڏيارڻ گهرجي ته ماضي جهڙا واقعا ٻيهر نه ٿيندا

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير ناصرحسين شاهه چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي ڳالهين کي سنجيده نٿا وٺون. اها اسان لاءِ ڪا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

تحريڪ تان هٿ نه ڪڍنداسين، وزيراعظم جي ڏيهه واپسيءَ تائين احتجاج ملتوي ڪيون ٿا: حافظ نعيم الرحمان

جماعت اسلامي عوام جي بنيادي مسئلن جي ڳالهه ڪري ٿي، حڪومت پيٽرول جي قيمت وڌائي ۽ ٽيڪس وصول ڪري پنهنجي ڪرپشن لڪائي ٿي: حافظ نعيم

حڪومت کي لڪت ۾ ليوي ختم ڪرڻ لاءِ چيو پر منفي جواب مليو. ڪيترون ئي ملاقاتون ٿيون آهن

ملتان (م د) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيما/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ملتان: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

حق مُهر زال جو قانوني ۽ اسلامي حق آهي: سپريم ڪورٽ

جيڪڏهن حق مهر ادا نه ڪيو وڃي ته عدالتن کي مداخلت ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد(بيورو)سپريم ڪورٽ اڳاري ڏينهن قرار ڏنو آهي ته حق مهر شاديءَ جو هڪ لازمي قانوني حصو آهي. جيڪو اسلامي قانون تحت مڙ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ حڪومت خاص ٻارن جي تعليم، بحالي ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ انقلابي قدم کڻي رهي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت خاص ٻارن جي تعليم، بحالي ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ انقلابي قدم کڻي رهي آهي، صوبي جي 67 خاص تعليمي ادارن ۾ لڳ ڀڳ 20,000 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

مفت تعليم سان گڏ، خاص تعليمي ادارا بحالي، فزيوٿراپي، اسپيچ ٿراپي، ٽرانسپورٽ سان گڏ 3,000 رپيا ماهوار وظيفو پڻ فراهم ڪري رهيا آهن

خاص ٻارن لاءِ 37 خاص تعليم ۽ بحالي مرڪزن ۾ 49 جديد ڊجيٽل ڪلاس رومز جو قيام هڪ اهم ترقي آهي. ڊجيٽل ڪلاس رومز مان ٻڌڻ کان محروم 754 شاگردن کي فائدو ٿيندو

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت خصوصي ٻارن جي تعليم، بحالي ۽ ڪين بااختيار بڻائڻ لاءِ انقلابي قدم کڻي رهي آهي، صوبي جي 67 خصوصي تعليمي ادارن ۾ 20 هزار جي لڳ ڀڳ شاگرد علم پرائي رهيا آهن. خصو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

پي ٽي آءِ جي حڪومت کي ڳالهين جي آڇ: وزيراعظم کان سياسي اڳواڻن تي ٻڌل ڪميٽي ٺاهڻ جو مطالبو

ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ جي لاءِ سنجيده ۽ معنيٰ خيز ڳالهيون ضروري آهن

وزيراعظم هڪ اهڙي ٽيم جوڙيندو جنهن ۾ بااختيار ۽ فيصلو ڪندڙ ماڻهو شامل هجن ته جيئن مسئلن جو عمل جوڳو حل ڪڍي سگهجي

گذريل رات کان وفاقي سطح تي لاڳاپيل شخصيتن سان رابطا جاري آهن، تازن واقعن جي حوالي سان پنهنجو موقف پهچائي ڇڏيو آهي: راجا ناصر عباس

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف حڪومت سان ڳالهين جي لاءِ راضپو ظاهر ڪندي وزيراعظم شهباز شريف سان سياسي اڳواڻن تي ٻڌل ڪميٽي ٺاهڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو سينيٽ ۾ اپوزيشن اڳواڻ راجا ناصر عباس صحافي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اسلام آباد: اپوزيشن اڳواڻ راجا ناصر عباس صحافين سان ڳالهائيندي

ڪورنگي فشريز هاربر ۾ 100 ايڪڙن تي ميري ڪلچر سيڙپڪاري ۽ ترقياتي رياست قائم ڪرڻ جو منصوبو

محمد جنيد انوار چوڌري ڪورنگي فشريز هاربر اٿارٽي ۾ 100 ايڪڙن تي پکڙيل ميري ڪلچر سيڙپڪاري ۽ ترقياتي رياست قائم ڪرڻ جو منصوبو پيش ڪري ڇڏيو

تياري ۽ پروسيسنگ، پيداوار ۾ واڌارو، ٿڌي ذخيري جو نظام ۽ واپاري سهولتون هڪ گڏيل ترقياتي ڍانچي تحت قائم ڪيون وينديون

30 ايڪڙن تي ميري ڪلچر زون، 20 ايڪڙن تي افزائشگاهه زون، 20 ايڪڙن تي آبي تحقيق پارڪ ۽ 20 ايڪڙن تي واپاري ضلعو شامل هوندو

اسلام آباد(بيورو) ڪورنگي فشريز هاربر ۾ 100 ايڪڙن تي ميري ڪلچر سيڙپڪاري ۽ ترقياتي رياست قائم ڪرڻ جو منصوبو وفاقي سامونڊي معاملن واري وزير محمد جنيد انوار چوڌري ڪورنگي فشريز هاربر اٿارٽي ۾ 100 ايڪڙن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر پاران شيخ احمد بن راشد المڪتوم جي وفات تي تعزيت جو اظهار

وزيراعظم شيخ محمد بن راشد المڪتوم جي ڀاءُ شيخ احمد بن راشد المڪتوم جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي صبر عطا فرمائي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر پاران شيخ احمد بن راشد المڪتوم جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪندي چيو آهي ته متحده عرب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ پاران وزيراعظم جي هدايت تي دارالعلوم حقانيه اڪوڙه خٽڪ جو دورو

وزيراعظم جي اطلاعات ۽ خيبرپختونخواه معاملن بابت ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبر جلال خان به وفاقي وزير سان گڏ هئا

جمعيت علماءِ اسلام (س) جي امير مولانا عبدالحق ثاني، مولانا سيد محمد يوسف شاهه ۽ ٻين اطلاعات واري وفاقي وزير جو استقبال

قومي پيغام امن ڪميٽي جي ميمبرن ۽ عالمن سان ملاقات ۾ امن جي قيام ۽ مذهبي هم آهنگي سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

اڪوڙه خٽڪ (نوشهره) (م د) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ وزيراعظم جي هدايت تي دارالعلوم حقانيه اڪوڙه خٽڪ جو دورو ڪيو وزيراعظم جي اطلاعات ۽ خيبرپختونخواه معاملن بابت ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبر جلال خان به وفاقي وزير سان گڏ هئا. دارالعلوم حقانيه اڪوڙه خٽڪ پهچڻ تي، قومي پيغام امن ڪميٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

آءِ ايم ايف وچ ۾ چوٿين معاشي جائزي بابت ڳالهيون هلندڙ هفتي شروع ٿيڻ جو امڪان

وڌايل فنڊ سهولت پروگرام (اي ايف ايف) تحت قرض جي پنجين قسط لاءِ ڳالهيون ٻن هفتن تائين جاري رهنديون

آءِ ايم ايف جي مشن کي جون تائين جي معاشي سرگرمين بابت بريفنگ ڏني ويندي

ڍانچائي معيارن تحت مقرر هدفن تي به آءِ ايم ايف سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي. پاڪستان معاشي سڌارن جي هدفن بابت آءِ ايم ايف سان ڳالهيون ڪندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) وچ ۾ چوٿين معاشي جائزي بابت ڳالهيون هلندڙ هفتي شروع ٿيڻ جو امڪان آهي. وڌايل فنڊ سهولت پروگرام (اي ايف ايف) تحت قرض جي پنجين قسط لاءِ ڳالهيون ٻن هفتن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪوئٽائي دوران ڪيبل ڪٽڻ سبب آمريڪا ۾ وڏو فضائي بحران، 10 هزار اڏامون متاثر

نيوارڪ ايئرپورٽ ۽ ويجهي فضائي نيٽ ورڪ کي هڪ وڏي ٽيڪنيڪي بحران کي منهن ڏيڻو پيو آهي

جنهن سبب آخري اطلاعن تائين ملڪ جي 9 وڏن ايئرپورٽن جو فلائيٽ آپريشن سخت متاثر ٿيو

واشنگٽن (م د) آمريڪي رياست نيوجرسي ۾ ريل آپريٽر ايمٽريڪ جي ڪنسٽرڪشن جي دوران ڪوئٽائي سبب ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول سينٽر جي ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

گيان چند ايسراڻي جي ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ سان ملاقات، مختلف انتظامي معاملن تي تفصيلي بحث

سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 جي مجموعي ڪارڪردگي، جاري آپريشنز ايمرجنسي رسپانس سسٽم ۽ مختلف انتظامي معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو

ريسڪيو 1122 جي ايمرجنسي سروسز، سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول، فيلڊ آپريشنز ۽ عوام کي فراهم ڪيل سهولتن بابت آگاهه ڪيو

ايمرجنسي جي صورت ۾ بروقت جواب، بچاءُ ۽ انخلا، طبي امداد، فائر فائٽنگ، پاڻي جي بچاءُ، شهري ڳولا ۽ بچاءُ سميت مختلف شعبن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

ريسڪيو سروس جي آپريشنل صلاحيت، وسيلن جي اثرائتي استعمال، عملي جي تربيت ۽ مختلف ادارن سان هم آهنگي سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ بحث ڪيو ويو

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي بابت صلاحڪار گيان چند ايسراڻي ڊائريڪٽر آپريشنز سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. جنهن ۾ سنڌ ايمرجنسي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ناصر حسين شاهه ضلعي سينٽرل ۾ هفتيوار صفائي مهم جو افتتاح ڪيو

هفتيوار صفائي مهم جو مقصد سيني ادارن کي شامل ڪري صفائي جي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ آهي: ناصر شاهه

اسين صفائي جي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. جيڪو شهر توهان صاف ڏسو ٿا اهو سڀ انهن جي محنت جي ڪري آهي

اسين صفائي جي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. جيڪو شهر توهان صاف ڏسو ٿا اهو سڀ انهن جي محنت جي ڪري آهي

هفتيوار صفائي مهم جو مقصد سيني ادارن کي بورڊ تي وٺي صفائي جي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ هوندو

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصرحسين شاهه ضلعي سينٽرل ۾ هفتيوار صفائي مهم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ فواد غفار سومرو کان علاوه، ڊپٽي ڪمشنر ضلعي سينٽرل طحه /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: صوبائي وزير ناصرحسين شاهه ضلعي وسطي ۾ صفائي مهم جو افتتاح ڪندي

ڪارادر ۾ ڦر دوران مزاحمت، شهري قتل، جوابدار گرفتار

ڪراچي(رپورٽر) ڪارادر ۾ ڦر دوران مزاحمت تي شهري کي گوليون هڻي قتل ڪندڙ مڪ جوابد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

آمريڪا ناڪابندي ختم ڪري ته ايران آبنائي هرمز کولي ڇڏيندو: ايراني عهديدار

تهران(م د)هڪ سينيئر ايراني عهديدار رائٽرز کي ٻڌايو ته جيڪڏهن آمريڪا پنهنجي ناڪابندي ختم ڪري ته ايران ڪجهه ئي ڏينه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي ۾ ٽي تلوار سپر مارڪيٽ مان 50 لک رپيا چوري

چوري ۾ هڪ مرد ۽ هڪ عورت ملوث هئا ۽ جوابدارن وٽ تالن جون چاٻيون موجود هيون

جوابدارن عمارت جا تالا کوليا، 50 لک رپين کان وڌيڪ رقم کڻي فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪلفٽن ٽي تلوار واري علائقي ۾ هڪ سپر مارڪيٽ مان پنجاهه لک رپيا چوري ٿي ويا. پوليس ٻڌايو ته چوري ۾ هڪ مرد ۽ هڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

آمريڪي ٽي وي نيٽورڪن پاران ٽرمپ جي ڪوريج تي پابندي جو فيصلو

واشنگٽن (م د) ٽن وڏين نيوز تنظيمن جي صحافين جي وائيٽ هائوس ۾ داخلا تي پابندي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ جو صلاحڪار گيان چند ايسراڻي جي ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ سان ملاقات ڪندي

بلوچ ڪالوني وٽ ڪي اليڪٽرڪ گرڊ اسٽيشن کي باهه، بجلي معطل

باهه بلوچ ڪالوني گرڊ اسٽيشن جي ٽن پينلز ۾ لڳي، انهن پينلز جي مٿان فيول ٽينڪ موجود هئا

جڏهن ٽيم اتي پهتي ته باهه جا شعلا 30 کان 40 فوٽ اوچائي تائين اٿي رهيا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ بلوچ ڪالوني ايڪسپريس وي ويجهو واقع ڪي اليڪٽرڪ (K_Electric) جي گرڊ اسٽيشن ۾ لڳل باهه سبب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سرڪاري ۽ سفارتي پاسپورٽ وارن لاءِ ويزا جو شرط ختم

اسلام آباد(بيورو)پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ سفارتي، سرڪاري ۽ خاص پاسپورٽ رکند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

جنيد حفيظ جي موت جي سزا خلاف اپيل تي ٻيهر ٻڌڻي، پراسيڪيوشن کي نوٽيس جاري

عدالت پراسيڪيوشن کي نوٽيس جاري ڪري ايندڙ ٻڌڻي تي دليل طلب ڪري ورتا

جنيد حفيظ 2020ع ۾ ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي هئي

لاهور (م د) توهين مذهب ڪيس ۾ موت جي سزا ماڻيندڙ جنيد حفيظ جي اپيل تي لڳ ڀڳ 6 سالن کانپوءِ ٻيهر لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪراچي ۾ بلوچ ڪالوني ايڪسپريس وي پرسان ڪي اليڪٽرڪ جي گرڊ اسٽيشن ۾ باهه لڳي وئي، ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي معطل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي بلوچ ڪالوني ايڪسپريس وي جي پرسان ڪي اليڪٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

مرڙاس برادري جي ٻن ڌرين ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو، 3 ڄڻا قتل، 8 زخمي

گوٺ ڪيهر مرڙاس ۾ مرڙاس برادري جي ٻن ڌرين جي وچ ۾ سڱاوتي معاملي تان مبينا طور جهيڙو ٿي پيو

جنهن دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ استاد بلاول مرڙاس، مختيار مرڙاس، ۽ وقار مرڙاس قتل ٿي ويا

گهوٽڪي (م د) گهوٽڪي پرسان مرڙاس برادري جي ٻن ڌرين ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو. گوٺ ڪيهر مرڙاس ۾ مرڙاس برادري جي ٻن ڌري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي جي عوام کي درپيش بنيادي مسئلن جي حل لاءِ مسلم ليگ فنڪشنل هر سطح تي آواز بلند ڪندي: سردار عبدالرحيم

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

والدين 5 سالن تائين جي عمر جي سمورن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ضرور پيارين: عائشه رضا فاروق

21 کان 27 سيپٽمبر تائين ملڪ جي 115 چونڊ ضلعن ۾ ذيلي قومي پوليو جي خاتمي واري مهم جاري آهي

جنهن دوران 3 ڪروڙ 10 لک کان وڌيڪ ٻارن تائين پهچ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو) پوليو جي روڪٿام بابت وزيراعظم جي فوڪل پرسن عائشه رضا فاروق والدين کي اپيل ڪئي آهي ته هو 5 سالن تائين جي عمر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ايف بي آر ٽيڪس اوڳاڙي يقيني بڻائڻ لاءِ گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل جون گهٽ ۾ گهٽ پرچون قيمتون مقرر ڪري ڇڏيون

هاڻي ڪوڪنگ آئل ۽ گيهه ٺاهيندڙن کان مقرر ڪيل قيمت موجب ٽيڪس وصول ڪيو ويندو

نباتاتي ۽ حيواني چربي ۽ تيل، گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت مقرر ڪئي وئي آهي

گذريل مهيني جي آخري هفتي جي سراسري قومي پرچون قيمت مان 25 رپيا في ڪلو گهٽائي مقرر ڪئي ويندي

اسلام آباد(بيورو) وفاقي بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل جي شعبي ۾ مبينا ٽيڪس چوري روڪڻ ۽ مڪمل صلاحيت موجب ٽيڪس اوڳاڙي يقيني بڻائڻ لاءِ گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل جون گهٽ ۾ گهٽ پرچون قيمتون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پوليس ٽيمن کي انهن جي غير معمولي ڪارڪردگي لاءِ تعريف جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جو فرض جو احساس ۽ ڏوهن خلاف مضبوط عزم ساراهه جوڳو آهي: آءِ جي سنڌ

پوليس ٽيمن کي انهن جي غير معمولي ڪارڪردگي لاءِ تعريف جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي ۽ لاڳاپيل پوليس ٽيمن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا

ويسٽ پوليس کي سرجاني ٽائون ۾ هڪ عورت سميت چار ماڻهن جي قتل جي سنگين ڪيس کي ڪاميابي سان حل ڪرڻ تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ڪراچي(رپورٽر) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ويسٽ پوليس ۽ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) کي هدايت ڪئي آهي ته) پوليس ٽيمن کي انهن جي غير معمولي ڪارڪردگي لاءِ تعريف جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. سينٽرل پوليس آفيس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اربع 23 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 10 ربيع الثاني 1448ھ

انتقامي سياست ۽ گرفتارين جي روايت هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي

پاڪستان جي سياست جو سڀ کان وڏو الميو اهو رهيو آهي ته اقتدار جي تبديليءَ سان گڏ سياسي رويا به تبديل ٿي ويندا آهن. جيڪا جماعت اقتدار ۾ هوندي آهي، اها مخالف ڌر جي احتجاج کي ملڪ دشمني، انتشار يا امن امان لاءِ خطرو قرار ڏيندي آهي. جڏهن ته ساڳي جماعت اقتدار کان ٻاهر هوندي آهي ته احتجاج کي پنهنجو جمهوري حق سمجهندي آهي. نتيجي ۾ احتجاج، گرفتاريون، ڪيس، روڊن جي بندش، ڪنٽينر ۽ ڇڪتاڻ پاڪستان جي سياسي زندگيءَ جو هڪ مستقل حصو بڻجي ويا آهن. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ان روايت کي ختم ڪرڻ لاءِ پهريون قدم حڪومت پاڻ کڻي.

27 سيپٽمبر تي پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان اسلام آباد ۾ احتجاج ۽ مارچ جو اعلان موجوده سياسي ماحول ۾ هڪ اهم امتحان بڻجي سامهون آيو آهي. پي ٽي آءِ جو موقف آهي ته احتجاج ذريعي عمران خان جي آزادي ۽ آئيني بالادستيءَ لاءِ آواز اٿاريو ويندو. ٻئي طرف حڪومت جو موقف امن امان، شهرين جي روزمره زندگي ۽ وفاقي گاديءَ واري هنڌ جي حساسيت سان لاڳاپيل آهي. ٻنهي پاسن جا پنهنجا موقف آهن، پر جمهوريت جو بنيادي اصول اهو آهي ته اختلاف کي طاقت سان نه، ڳالهين، قانون ۽ سياسي عمل سان منهن ڏنو وڃي.

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 27 سيپٽمبر واري احتجاج بابت تفصيلي فيصلي ۾ واضح ڪيو آهي ته احتجاج جو حق قانون ۽ آئين جي دائري اندر استعمال ٿيڻ گهرجي ۽ شهرين جي بنيادي حقن کي متاثر نٿو ڪري سگهجي. عدالت اهو به قرار ڏنو ته ڪنهن به سياسي جماعت کي عوامي رستن، شاهراهن ۽ ٻين هنڌن تي اهڙي نموني قبضو ڪرڻ جو قانوني حق ناهي، جنهن سان ٻين شهرين جا حق متاثر ٿين. عدالت صوبائي حڪومتن کي به هدايت ڪئي ته سرڪاري مشينري ۽ وسيلا سياسي احتجاج لاءِ استعمال نه ڪيا وڃن.

ان فيصلي جو مطلب رڳو پي ٽي آءِ لاءِ هدايتون نه آهن، پر حڪومت ۽ انتظاميا لاءِ به هڪ اهم آئيني سبق موجود آهي. جيڪڏهن احتجاج ڪندڙن کي شهرين جا حق نظر ۾ رکڻا آهن ته حڪومت کي به مخالف ڌر جي سياسي ۽ جمهوري حقن کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. جمهوري رياست ۾ حڪومت وٽ طاقت ضرور هوندي آهي، پر اها طاقت مخالف آواز کي خاموش ڪرڻ لاءِ نه، پر قانون جي برابر نفاذ لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجي.

هن وقت سڀ کان وڏيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه اها آهي ته احتجاج کان اڳ ئي ڇڪتاڻ واري فضا پيدا ٿي رهي آهي. 20 سيپٽمبر تي پي ٽي آءِ اڳواڻن طرفان ٻڌايو ويو ته عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته لاهور جي ضلعي انتظاميا موجب ڪيس 30 ڏينهن لاءِ پبلڪ آرڊر قانون تحت حراست ۾ رکيو ويو. ان کان پوءِ سندس ٻين ڀينرن جي حراست جون خبرون به سامهون آيون. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت کي پنهنجي هر قدم بابت وڌيڪ شفافيت ۽ قانوني جواز پيش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن شخص خلاف ڪو واضح قانوني الزام، عدالتي حڪم يا عوامي امن بابت دستاويزي بنياد موجود آهي ته اهو عوام آڏو رکيو وڃي؛ پر جيڪڏهن سياسي احتجاج کي روڪڻ لاءِ گرفتارين کي سياسي اوزار طور استعمال ڪرڻ جو تاثر پيدا ٿئي ٿو ته ان سان ڇڪتاڻ گهٽجڻ بدران وڌندي. انتقامي ڪارروائين جي تاثر کي ختم ڪرڻ حڪومت جي پنهنجي مفاد ۾ به آهي، ڇو ته مضبوط حڪومت اها ناهي جيڪا مخالفن کي گرفتار ڪري، پر اها آهي جيڪا مخالفن کي قانون جي دائري ۾ رهندي ڳالهائڻ ۽ اختلاف ڪرڻ جي آزادي ڏئي.

ساڳئي وقت پي ٽي آءِ کي به پنهنجي جمهوري ذميواريءَ کان پاسو ڪرڻ نه گهرجي. احتجاج ڪنهن به سياسي جماعت جو آئيني حق ٿي سگهي ٿو، پر اهو حق ٻين شهرين جي زندگي مفلوج ڪرڻ جو لائسنس نٿو بڻجي سگهي. رستا بند ڪرڻ، اسپتالن، اسڪولن، آفيسن ۽ ڪاروباري مرڪزن تائين اچ وڃ روڪڻ، سرڪاري يا نجي ملڪيت کي نقصان پهچائڻ يا پوليس سان ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ ڪنهن به جمهوري احتجاج جي ساک کي نقصان پهچائيندو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ به پنهنجي فيصلي ۾ بنيادي حقن جي تحفظ ۽ آزاد اچ وڃ جي حق کي خاص اهميت ڏني آهي.

ان ڪري 27 سيپٽمبر جو احتجاج پي ٽي آءِ لاءِ به ذميواريءَ جو امتحان آهي. پارٽي کي پنهنجي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي واضح هدايتون ڏيڻ گهرجن ته احتجاج پرامن هجي، سرڪاري ۽ نجي ملڪيت کي نقصان نه پهچايو وڃي، شهرين جي اچ وڃ ۾ غيرضروري رڪاوٽ نه وڌي وڃي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن سان ٽڪراءُ کان پاسو ڪيو وڃي. سياسي نعرا، تقريرون، پلي ڪارڊ ۽ پرامن اجتماع جمهوريت جو حصو آهن؛ تشدد ۽ زبردستي رستا بند ڪرڻ ان حق کي ڪمزور ڪن ٿا.

پر رپورٽن موجب راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ 27 سيپٽمبر واري احتجاج جي تيارين دوران ڪنٽينر گڏ ڪرڻ ۽ سيڪيورٽي انتظامن جون تياريون شروع ڪيون ويون آهن. ڪجهه ٽرانسپورٽرن به شڪايت ڪئي آهي ته سندن ڪنٽينر پوليس جي تحويل ۾ ورتا ويا آهن. حڪومت کي خاص طور تي ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته عام واپاري ۽ ٽرانسپورٽر سياسي ڇڪتاڻ جي قيمت ادا نه ڪن.

حڪومت کي هتي هڪ وڏي سياسي روايت قائم ڪرڻ جو موقعو آهي. جيڪڏهن هوءَ اعلان ڪري ته پرامن سياسي احتجاج کي روڪڻ بدران ان لاءِ قانوني ۽ محفوظ رستو فراهم ڪيو ويندو، غيرضروري گرفتارين کان پاسو ڪيو ويندو ۽ قانون ٽوڙيندڙن خلاف به ڪارروائي ذاتي يا سياسي وابستگي بدران ثبوت ۽ قانون جي بنياد تي ڪئي ويندي، ته اها جمهوريت لاءِ مثبت اڳڀرائي هوندي. ساڳي اصول تحت پي ٽي آءِ کي به اعلان ڪرڻ گهرجي ته اها احتجاج کي پرامن رکندي، شهرين جي حقن جو احترام ڪندي ۽ عدالت جي واضح هدايتن تي عمل ڪندي.

اصل ضرورت ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ اعتماد بحال ڪرڻ جي آهي. ان لاءِ احتجاج کان اڳ حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي نمائندن وچ ۾ باضابطه ڳالهين جو رستو کولڻ گهرجي. احتجاج جي هنڌ، وقت، رستن، شرڪت ڪندڙن جي تعداد، ٽريفڪ جي انتظام ۽ امن امان بابت واضح ضابطا طئي ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن ڳالهين سان اهي معاملا طئي ٿين ته پوءِ طاقت جي استعمال، گرفتاري ۽ رستن جي بندش جي ضرورت به گهٽجي سگهي ٿي.

پاڪستان کي اهڙي سياسي ثقافت جي ضرورت آهي، جتي مخالف ڌر کي دشمن نه، پر جمهوري نظام جو حصو سمجهيو وڃي. حڪومت کي مخالف ڌر جي آواز کان خوفزده ٿيڻ بدران ان جو سياسي جواب سياست سان ڏيڻ گهرجي، جڏهن ته مخالف ڌر کي به حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اهڙا طريقا اختيار نه ڪرڻ گهرجن، جن سان عام شهرين جي زندگي متاثر ٿئي.

هڪ اڪيلو ڪلهوءِ جهربل تعليمي نظام

محمد احسان لغاري

آچر ڏيهين سيپٽمبر تي ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪاليج ايڊميشن ٽيسٽ (ايم ڊي ڪيٽ) شروع ٿيڻ کان ڪجهه منٽ اڳ، سکر انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (آءِ بي اي) يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ بلڊ پريشر انتهائي گهٽجي وڃڻ سبب ڪرسيءَ تان بيهوش ٿي ويو. سخت گرمي ۽ گهُٽ سبب ڪراچيءَ جي اين اي ڊي يونيورسٽي ۽ سکر جي مرڪزن تي شاگردن کي طبي امداد ڏيڻي پئي ۽ ڪيترن بلاڪن ۾ پکا بند پيل هئا. وائيس چانسلر جي بيهوشيءَ واري وڊيو تيزيءَ سان پکڙجي وئي. ان معاملي تي بحث کان اڳ ان باضمير انسان کي سندس پورو مان ملڻ گهرجي. هو مهينن کان امتحانن جي شفافيت لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو هو. هن اپريل ۾ سيڪريٽري صحت کي لکي ۽ وائيس چانسلرز جي گڏجاڻيءَ ۾ وزير آڏو چٽو ڪيو هو ته جيئن ته سندس پنهنجي نياڻي ٽيسٽ ۾ ويهي رهي آهي، تنهن ڪري مفادن جي ٽڪراءَ (CONFLICT OF INTEREST) کان بچڻ لاءِ امتحان ڪنهن ٻئي اداري حوالي ڪيو وڃي. اهو خط سندس بي داغ ديانت جو چٽو ثبوت هو. پر جڏهن وزير ڪيس ڪم جاري رکڻ جو چيو، ته هن پاڻ کي پيپر ڏاهڻ کان الڳ رکيو ۽ تڪليف باوجود اسٽريچر تي اسٽيج تائين پهتو ته جيئن نگراني جاري رهي. سندس اخلاقي فرض تي ڪو سوال نٿو اٿاري سگهي، پر جنهن نظام کيس اسٽريچر تائين پهچايو، اهو سنجيده سوالن جو محتاج آهي.

ان ڏينهن سنڌ مان 34,000 کان وڌيڪ اميدوار ويٺا هئا، جڏهن ته پوري ملڪ مان 138,158 شاگردن رجسٽريشن ڪرائي هئي. سنڌ حڪومت گذريل ٻن سالن کان وٺي پنهنجو سمورو انتظامي بار هڪ يونيورسٽي ۽ هڪ آفيسر جي ڪلهن تي رکي ڇڏيو آهي، جيڪو اصل ۾ رياست جي وسيع سرڪاري ادارن کي کڻڻ کپندو هو. جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ 2024ع وارو پرچو منسوخ ڪري ٻيهر شفاف امتحان جو حڪم ڏنو، تڏهن سکر آءِ بي اي اڳتي آئي. ان کان پوءِ سنڌ جو تعليم کاتو هر ڏکي ذميواري سندس حوالي ڪندو رهيو آهي، چاهي اهو ايم ڊي ڪيٽ هجي يا پرائمري ۽ جونيئر ماسترن (PST ۽ JST) جون ميرٽ تي تاريخي ڀرتيون هجن. مرحوم نثار احمد صديقيءَ جو جوڙيل بي داغ ادارتي معيار ئي اهو سبب آهي جنهن ڪري صوبائي حڪومت پنهنجو ڀرم بچائڻ لاءِ هميشه ان ڪيمپس ڏانهن واجهائيندي آهي. سکر آءِ بي اي جو احترام پنهنجي جاءِ تي، پر اهو سوال پڇڻ واجب آهي ته سنڌ جا باقي روايتي بورڊ ۽ سرڪاري کاتا آخر ڪيستائين پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ صرف هڪ ئي اداري تان اعتبار اوڌر کڻندا رهندا؟ تاريخ ڏيکاري ٿي ته سنڌ ڪڏهن به تعليمي لحاظ کان پوئتي پيل
 نه هئي. 1981ع واري ملڪي آدمشماريءَ موجب سنڌ اندر خواندگيءَ جي شرح 31.5 سيڪڙو هئي، جيڪا ان وقت پنجاب ۽ خيبرپختونخوا کان چٽي طرح اڳڀري هئي. پر 1972ع ۾ تعليمي ادارن کي قومي تحويل ۾ وٺڻ ۽ ون يونٽ واري ڪلاس سسٽم هن صوبي جي علمي ڍانچي کي وڏو ڌڪ رسايو. سڀ کان وڏو نقصان 1980ع واري ڏهاڪي، خاص ڪري 1985ع جي بنا پارٽي چونڊن ڪانپوءِ ٿيو، جڏهن ماستريءَ جي پيشي کي سياسي رشوت ۽ ووٽ وٺڻ جو سکو بڻايو ويو. 2023ع جي آدمشماريءَ مطابق هاڻي سنڌ ۾ خواندگي 57.54 سيڪڙو آهي، جنهن ۾ مرد 64.23 ۽ عورتون 50.21 سيڪڙو آهن. شهرن ۾ شرح 72.26 سيڪڙو آهي، پر ٻهراڙيءَ جي سنڌ رڳو 38.14 سيڪڙو تي بيهجي وئي آهي ۽ ڳوٺاڻي عورت سڀ کان وڌيڪ پوئتي پيل آهي. ٻئي پاسي پنجاب 66 سيڪڙو مان وڌي تازي سروي ۾ 68 سيڪڙو تي پهچي ويو، ۽ بدامنيءَ جي ور چڙهيل خيبرپختونخوا به تيزيءَ سان 51 مان 58 سيڪڙو تائين پهچي ويو. تاريخي طور اڳتي رهندڙ سنڌ اڄ پنهنجا پير پوئتي چڪيا آهن.

سرڪاري انگن اکرن ۾ داخلا جا انگ اکر پلي ڪيترا به وڌيل هجن، پر معيار ڪري پيو آهي. ايسر (ASER 2023)جي رپورٽ موجب سنڌ جي ٻهراڙيءَ اندر پنجين درجي جا رڳو 39 سيڪڙو ٻار مادري زبان ۾ سادي ڪهاڻي پڙهي سگهن ٿا. صرف 22 سيڪڙو شاگرد انگريزي جملو ۽ 27 سيڪڙو ٻن انگن وارو حساب حل ڪري سگهن ٿا. ٽين درجي ۾ ته اهي رڳو 8، 5 ۽ 3 سيڪڙو آهن. ان سان گڏ صوبي اندر تعليمي اڻبرابري به ماٺهو کي ڏڪائي ڇڏي ٿي. آدمشماريءَ موجب جتي ڪراچي سينٽرل جهڙي شهري ضلعي ۾ خواندگي 83.55 سيڪڙو آهي، اتي سڄاول ۾ 27.02 سيڪڙو ۽ ٺٽي ۾ رڳو 26.88 سيڪڙو تي بيٺل آهي. ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪراچي سينٽرل جي نياڻي ۽ سڄاول جي ڳوٺ ۾ اک کوليندڙ ٻارڙي ٻن الڳ صدين ۾ ساهه کڻي رهيون هجن. حڪومتي بجيٽ ۽ ڪاغذي سڌارا اڃا تائين سڄاول ۽ ٻهراڙيءَ جي ويران اسڪولن تائين ناهن پهچي سگهيا.

پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ڪي آدرشي صوبا ناهن، پر انهن انتظامي عزم سان پنهنجا مسئلا گهٽايا. پنجاب اين ٽي ايس ذريعي اسي هزار نوان استاد ميرٽ تي کڻي سفارشن جو دروازو بند ڪيو. اسڪولن جي چڪاس 22 مان وڌائي 96 سيڪڙو ڪئي، ۽ غيرحاضريءَ کي 20 مان گهٽائي 8 سيڪڙو کان هيٺ آندو. نتيجي ۾ ٻهراڙيءَ جي پنجين درجي ۾ ڪهاڻي پڙهندڙ ٻارن جو تناسب 65 سيڪڙو ٿيو ۽ اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو انگ گهٽجي 21 سيڪڙو ٿي ويو. خيبرپختونخوا وري دهشتگرديءَ جي باهه ۾ به انڊيپينڊنٽ مانيٽرنگ يونٽ وسيلي سمارٽ فونز ۽ بايو ميٽرڪ آڱوٺي ذريعي 28,000 اسڪولن جي اڳواٽ اطلاع بنا چڪاس ڪئي. ان سان غير حاضري 30 مان گهٽجي 12 سيڪڙو تي وئي ۽ ويهه هزار گوسڙو استاد واپس ڪلاسن ۾ پهتا. ايتا ذريعي ڀرتين وزيرن جي بنگلن مان سفارشي فائلون ٻاهر اڇلي ڇڏيون. سنڌ وٽ سکر آءِ بي اي جو معتبر بنياد اڳ ئي موجود آهي: ضرورت رڳو ان طريقي کي قانوني تحفظ ڏئي استادن جي پگهار کي اٿين وڃي واري صبح جي بايو ميٽرڪ سان ڳنڍڻ جي آهي.

اسان وٽ اڪثر غربت، ٻوڏ ۽ وسيلن جي کوٽ جا بهانا سامهون ايندا آهن. ڄڻ ته ڪلاس روم ۽ استاد ڪا اهڙي عياشي هجي جنهن لاءِ مالي خوشحاليءَ جو انتظار ڪجي. پر تباهيءَ هيٺ رهندڙ فلسطين انهن سڀني حڪومتي عذرن کي ڪوڙو ثابت ڪري ڇڏيو آهي. فلسطيني سينٽرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس (2023) موجب 15 سالن کان مٿي جي آباديءَ ۾ ناخواندگي رڳو 2 سيڪڙو هئي، جڏهن ته خواندگي 98 سيڪڙو ۽ نوجوانن ۾ ناخواندگي رڳو 0.8 سيڪڙو هئي، جيڪا عالمي بينڪ 2024ع ۾ به 97.9 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي. ڏهاڪن تائين ظلم سٺل اها قوم اڄ دنيا آڏو علمي مثال بڻيل آهي. هاڻوڪي جنگ ۾ جڏهن غزه جا 95 کان 97.5 سيڪڙو اسڪول مسمار ٿيا ۽ ساڍا ڇهه لک ٻار بي دخل ٿيا، تڏهن به رضاڪارن رات پيٽ ۾ ڪاٺ جي تختن تي نوان ڪلاس کولي ڇڏيا. جيڪڏهن بارود ۽ قبضي هيٺ به پڙهائي نٿي روڪي سگهجي، ته پوءِ پرامن سنڌ وٽ پنهنجي آئيني اختيارءِ اربين رپين جي بجيٽ باوجود تعليم کي پوئتي رکڻ جو ڪهڙو جواز باقي رهي ٿو؟

سنڌ حڪومت جو بجيٽ 613 مان وڌائي 620 ارب روپين تائين پهچائڻ ۽ مانيٽرنگ ونگ پاران 6,342 غير حاضر ماسترن کي ڳولڻ واڪاڻ جوڳا قدم آهن. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF)وسيلي ڏورانهن وسندين تائين پڙهائي پهچائڻ ۽ ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل اسڪولن مان پنجن هزارن تي تعمير جاري رکڻ به مثبت ڪم آهن. اسڪول آدمشماري 2024_25 موجب سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ۾ 5.31 سيڪڙو واڌ ٿي آهي ۽ ٻاهر رهندڙ ٻارن جي شرح 42 مان گهٽجي 39 سيڪڙو ٿي آهي. پر اهي سڀ ٽڙيل پکڙيل قدم آهن، جن کي مستقل قانوني فريم ورڪ ۾ ڳنڍڻ گهرجي. سکر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروس کي وقتي ٺيڪيدار بدران سنڌ اسيمبليءَ جي قانون تحت سمورين سرڪاري ڀرتين ۽ بورڊ امتحانن لاءِ مستقل خودمختيار اٿارٽي بڻايو وڃي. ان سان گڏ امتحاني مرڪزن ۾ هواداري، پکن، ٿڌي پاڻي ۽ پيشوراڻي ميڊيڪل ڊيسڪ جي موجودگيءَ کي لازمي شرط بڻايو وڃي ته جيئن آئيندي اميدوار سخت گرميءَ ۾ بيهوش نه ٿين. هاڻي ڪو نئون دستاويز جوڙڻ بدران اڳ ۾ موجود انتظامي سڌارن کي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. مفادن جي ٽڪراءَ وقت آفيسر جي پاڻمرادو امتحاني عمل کان الڳ ٿيڻ کي وزير جي صوابديد بدران سخت قانون بڻايو وڃي، ته جيئن باضمير سربراهه کي پنهنجي ديانتداريءَ لاءِ اسٽريچر تائين نه وڃڻو پوي. ڊگهي عرصي کان غيرحاضر ڇهه هزار ماسترن کي نوڪرين تان فوري فارغ ڪري پگهارن کي غير جانبدار بايو ميٽرڪ سان ڳنڍيو وڃي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي استادن جو پورهيو لٽڻ بدران کين گهٽ ۾ گهٽ سرڪاري پگهار 43,000 روپيا يقيني بڻائي ڏني وڃي، ڇاڪاڻ ته فاقاڪشيءَ جو شڪار استاد سٺي تعليم نٿو ڏئي سگهي. اسٽيڊا (STEDA)قانون تحت ترقين کي ٽيچنگ لائسنس سان جوڙيو وڃي. ويران ۽ اڪيلن اسڪولن کي ويجهن وڏن اسڪولن ۾ ضم ڪري ٿيندڙ بچت شاگردياڻين جي وين سروس تي خرچ ڪئي وڃي. پهرين کان ٽئين درجي جي ٻارن لاءِ مادري زبان ۽ بنيادي حساب واسطي ٽن سالن جي تعليمي ايمرجنسي لاڳو ڪئي وڃي، ۽ ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل رهيل ڏهن هزار اسڪولن جي بحاليءَ تائين نيون يونيورسٽيون کولڻ تي مڪمل پابندي هجڻ کپي. جڏهن وائيس چانسلر طبي امداد ڪانپوءِ اسٽريچر تي ڪجي اسٽيج تائين پهچڻ جو فيصلو ڪيو ته سندس ذاتي شجاعت ۽ بي لوث جذبو اعليٰ هو، پر اها ڪمزور صوبائي انتظام جو ڪليل اعتراف پڻ هئي. جنهن نظام ۾ ان جي اعليٰ نگران کي اسٽريچر تان پنهنجا امتحاني فرض نڀائڻا پون، اتي ديانتداريءَ جي کوٽ ناهي، پر اتي انهن فرض شناس آفيسرن جي اٿاٽ آهي جن کي اتي بار ورهائڻ کپندو هو. سنڌ وٽ پنجن مان چار حصا آبادي چاليهن سالن کان ننڍي عمر جي نوجوانن تي مشتمل آهي. اها نئين ٿهي يا ته صوبي لاءِ ترقيءَ جو موقعو بڻجندي، يا وري غفلت سبب مايوس ٿي ويندا. سنڌ طاس پاڻي ناهه جيڪڏهن هن ڌرتيءَ جي جسماني بقا جو پهريون ٿنڀو آهي ته بهتر تعليم سندس آئيندي جو ٻيو مضبوط پلر آهي. ميرٽ ڪو وقتي جذبو يا اَسٽريچر تي بيهوش ٿيڻ جو نالو ناهي، پر اهو روشن ڪلاسن، پختن قانونن ۽ سياسي سفارشن جي ڪليل خاتمي جو نالو آهي. سڄاول جي ٻار کي سٺو استاد ڏيارڻ لاءِ بااثرجي سياسي سفارش کي قربان ڪرڻو پوندو. سياسي ارادي سان ئي هي صوبو پنهنجي تعليم ۽ ميرٽ کي اسٽريچر تان کڻي پنهنجن پيرن تي بيهاري سگهي ٿو.

ڪامريڊ عبداش پنهور جي انقلابي جدوجهد هميشه زنده رهندي

سارنگ چام

انسان جيڪي پنهنجي اصولن، نظرئي ۽ جدوجهد سان جيئن ٿا، اهي ڪڏهن به مري ناهن سگهندا. اهڙن ئي امر ۽ نظرياتي ڪردارن مان هڪ هو ڪامريڊ عبداش پنهور، جنهن پنهنجي سڄي زندگي سنڌ، هارين، پورهيتن ۽ حقيقي انقلابي فڪر لاءِ وقف ڪري ڇڏي. سنڌ جي سياست، صحافت ۽ نظرياتي جدوجهد ۾ ڪجهه اهڙا ڪردار به رهيا آهن، جن ڪڏهن به صلي ۾ نام نهاد شهرت يا پئسو نه چاهيو، پر پنهنجي نظريي ۽ اصولن سان هميشه سچا رهيا. اهڙن ڪارڪنن مان هڪ ڪامريڊ عبداش پنهور هو، جنهن جي جڳ مشهور سڃاڻپ سندس نظرياتي پختگي، سدا بهار مسڪراهٽ ۽ اصول پسندي هئي. سندس خانداني ۽ اصل نالو عبدالرحمان ولد يار محمد پنهور هو، پر روسي ادب جي شاهڪار ۽ انقلابي ناولن کان متاثر ٿي، هن پنهنجي سڃاڻپ "ڪامريڊ عبداش پنهور" جي نالي سان قائم ڪئي. جسماني طور ڏبرو ۽ سنهڙو، پر ذهين ۽ دليلن سان ڳالهائيندڙ، جو هر سياسي بحث ۾ پنهنجي منطق سان مخالفن کي قائل ڪري وٺندو هو. هن جي سياسي سفر جي شروعات ان وقت ٿي جڏهن هو اڃا ٻار هو ضياء الحق جي آمريت واري ڪاري دور ۾، جڏهن هزارين سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن جيل ڪاٽيا، تڏهن سنڌ جا ٻار، نوجوان ۽ خاندان پنهنجي حقن لاءِ روڊن تي نڪري آيا. ان پُرآشوب دور ۾، ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (DSF) جي اڳواڻ ڪامريڊ علي حسن چانڊيو جي قيادت ۾ دوڙ اسٽيشن تي جيڪو عوامي جلسو ٿيو ۽ ان تي گهراءُ ٿيو هو، ان قافلي جو عبداش به هراول دستو هو. اهي ئي اهي مظاهرا هئا جن جي گونج بي بي سي لنڊن تائين پهتي هئي. پوءِ هن پنهنجو عملي سفر "ساٿي ٻارڙا سنگت" جي پليٽفارم تان شروع ڪيو، جنهن جو هو مرڪزي عهديدار به رهيو ۽ هيءَ تنظيم ٻارن جي شعوري ۽ نظرياتي تربيت جو وڏو مرڪز هئي، جنهن جي مرڪزي انچارج ڪامريڊ غلام رسول سهتو، ڪامريڊ صالح بلو، سيف سميجو، نعيم شيخ، سيف سرور ۽ ٻيا ڪامريڊ هيا جن انهن ٻارن کي نه صرف نظرياتي تعليم ڏني پر سختي سان تنظيمي نظم ۽ ضبط جو پابند به بڻايو. عبداش روهڙي (1984ع) ۽ جيڪب آباد (1986ع) جي مرڪزي ڪنوينشنن سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين تنظيم جا دورا ڪيا ۽ پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ ٺاهي.

ڳالهه چمبڙ جي هجي، محراب پور، ڪنڊيارو يا رانجي پور جي، جتي به سنڌ هاري ڪميٽي يا عوام جو آواز بلند ٿيندو هو، اتي عبداش پنهور انقلابي نعرا هڻندي سڀ کان اڳيان نظر ايندو هو. هو شهيد نظير عباسيءَ جي ساٿين جي انقلابي تنظيم DSF کان بعد ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان تائين پنهنجو سياسي سفر جاري رکندو آيو.

جيتوڻيڪ هن ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ کي اکين سان نه ڏٺو هو، پر سندس سڀ کان وڏو آئيڊيل ۽ اڳواڻ ڪامريڊ جام ساقي هو. جڏهن ڪامريڊ جام ساقي ڪمُون شهيد کان ڪراچيءَ تائين تاريخي "پيدل امن مارچ" ڪيو، جنهن ۾ هن هڪ ريڙهيءَ تي شاهه جو رسالو، قرآن شريف، گيتا ۽ انجيل رکي سنڌ کي رواداري ۽ سيڪيولرازم جو پيغام ڏنو هو، ان هٿ سان هلندڙ ريڙهيءَ کي ڌڪڻ وارن مان ڪامريڊ عبداش پنهور به شامل هوا هن کي پنهنجي حياتيءَ جي ان عظيم موڙ تي هميشه فخر رهيو.

بقول ساٿين جي، "تنهنجو ساٿي منهنجو ساٿي، جام ساقي جام ساقي!" جيترو اهو نعرو عبداش هنيو هوندو، ٻئي ڪنهن به نه هنيو هوندو. ڪامريڊ جام ساقي سان سندس محبت جو اندازو ان مان ئي لڳائي سگهجي ٿو عبداش جي هر گفتگوءَ تحريرن ۾ ڪامريڊ جام ساقي جو حوالو يا ڪو نه ڪو قول ضروري شامل هوندو هو.

اهڙيءَ طرح جڏهن ڪامريڊ اظهر جي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ ڪامريڊ عبداش سنڌ هاري ڪميٽي تي ڪامريڊ ثمر جتوئي ۽ ٻين ساٿين جي دل وجان سان رهنمائي ۽ تربيت ڪئي، هو آخر تائين هڪ سچو، بيباڪ صحافي ۽ سياسي ورڪر رهيو، جنهن جو واحد مقصد معاشري جي غريب ۽ مظلوم طبقي جي ڀلائي هو. عملي زندگيءَ ۾ هن صحافت جي پيشي کي چونڊيو، جتي هن هاري، پورهيت ۽ مظلوم طبقن جو آواز بڻجي لکيو چاهي ڪجهه به ٿي پوي. هن وٽ مظلومن جي حقن لاءِ سڀ کان وڏو ۽ موثر هٿيار سندس قلم ئي هو. مختلف اخبارن ۾ سيڪڙن جي تعداد ۾ مقالا ۽ تجزياتي مضمون لکيا آهن. جيتوڻيڪ سندس وٽ علمي، سياسي ۽ صحافتي مواد جو هڪ وڏو خزانو محفوظ هو، پر قسمت جي ستم ظريفي اها رهي جو هو ان پوري اثاثي کي ڪتابي صورت نه ڏئي سگهيو.

ڪامريڊ عبداش پنهور صرف هڪ سياسي ڪارڪن نه، پر هڪ حد کان وڌيڪ زنده دل، پراميد ۽ اصول پسند انسان هو. ڪيس زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ناامید نه ڏٺو ويو هو جام ساقي، صالح بلو، سوڀو ۽ ٻين رهبرن جي ورسين ۽ يادگار تقريبن ۾ اڳيان اڳيان هوندو هو. هو چاهيندو هو ته نئين نسل پنهنجي انهن محسنن کي ياد رکي جنهن هن ڌرتيءَ لاءِ قربانيون ڏنيون پنهنجي مسڪينن ماڻهون لاءِ ڪردار ادا ڪيو. سندس زندگيءَ جو منشور سنڌيءَ جي ان باوقار چوڻيءَ تي ٻڌل هو:

پلي ٻک پريم جي، شل نه وڃي شان
هو غريب هجڻ باوجود ذاتي مفادن يا لالچن پويان ڪڏهن

مهمان پکي

پريم ڪمار

جڏهن ڪوهه مري ۽ آسٽريليا ۾ جڏهن شديد سياري جي سردي پنهنجي جوڀن ۾ هوندي آهي تڏهن ناياب پکي تلور پنهنجا جابلي پٽ ڇڏي سردي جي سٽ نه سهندي راتين جون راتون جاڳي اچي ٿر جون واريءَ سي پٽون وسائي ٿر جي مهمان ٿيندي آهي من منهنجو ساهه بچي پر هتي يار اڳ ۾ تيار هوندا آهن ڪڏهن ٿيون اچن تلور ته

ڪارايون وڏيرن اميرن پيرن کي ڇا هي پرديسي پکي اسان جي مهمان نوازي جي ڪري ايندا آهن يا پنهنجي تحفظ ساهه بچائڻ جي خاطر ايندا آهن ڪجهه هنن پرديسي پکين تي اسان ٿرين کي رحم ڪرڻ گهرجي مونکي ڪجهه ٽائيم ياد آهي ٿر جي سونهن هرڻ ۽ مور ڀاٽيهڙ مون پاڻ ٽولن ۾ ڏٺا 71 واري جنگ کان پوءِ اهي نسل آهسته آهسته ٽولن جو روپ سونهن وڃائڻ لڳا هڪ هڪ تي ٻڪين جو ڪاڄ ٿيندا رهيا ٻڪ ختم نه ٿي پر اهي بي زبان ٿر جو سينگار ختم ٿئڻ لڳو خدارا هنن جي رکوالي ڪريو هي اسان جي ٿر جي سونهن ۽ اسان جي ٿرين جي سڃاڻپ آهي هرڻ مور جتي به هوندا آهن اتي مالڪ جي رحمت وسندي رهندي آهي

بقايا *** 01

ڪيس سرحدي انتظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪنيل قدمن کان پڻ آگاهه ڪيو ويو. فيلڊ مارشل عاصم منير فوجي دستن کي هر وقت چوڪس رهڻ ۽ اعليٰ ترين آپريشنل تياري برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته هٿياربند فوجون قوم جي غيرمتزلزل سهڪار سان دهشتگردي کي شڪست ڏيڻ لاءِ پرعزم آهن ۽ ملڪ ۾ ديرپا امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکنديون. هن آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلن، تياري ۽ پيشوراڻي صلاحيتن کي ساراهيندي ملڪ ۽ عوام جي تحفظ لاءِ سندن ثابت قدمي جي واکاڻ ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پشاور ڪور هيڊڪوارٽرز ۾ يادگار شهدا تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. هن چيو ته شهيدن جون عظيم قربانيون ڪڏهن به وساري نه سگهبيون. پشاور پهچڻ تي ڪور ڪمانڊر پشاور چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو استقبال ڪيو.

بقايا *** 02

جي وچ ۾ اقتصادي ۽ علائقائي تعاون وڌائڻ جي ارادن جو اظهار ڪيو ويو. ايراني خبرون ڏيندڙ اداري ارنا موجب تهران ۾ ايراني صدر مسعود پزشڪيان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان ملاقات ڪئي جنهن دوران پاڪستان ۽ ايران کي خطي جا 2 طاقتور ملڪ قرار ڏيندي چيو ويو آهي ته ٻئي ملڪ وسيع انساني صلاحيتن ۽ ڀرپور وسيلا رکندڙ آهن جنهن کي گڏيل طور تي استعمال ڪري آڻي ڪيترين ئي ضرورتن پوريون ڪري سگهجن ٿيون. صدر پزشڪيان چيو ته پاڪستان ۽ ايراني پنهنجي صلاحيتن کي گڏ ڪري ملي اڳيان وڌندا ته داخلي ۽ علائقائي وسيلن تي ڀاڙيندي پنهنجون ڪيترين ئي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي سگهن ٿا. هن گذريل ڪجهه مهينن جي دوران پاڪستان ۽ ايران جي اعليٰ اختيارين جي مسلسل گڏيل رابطن جو حوالو ڏيندي چيو ته خطي ۾ آمريڪي مداخلت وڌڻ جي حوالي سان ٻنهي مسلمان ملڪن جي اختيارين جا هڪ ٻئي پٺيان ڪوٺايل اجلاس مسلسل رابطن جي چٽي نشاني آهن. ايراني صدر ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار، توانائي، سياحت ۽ گڏيل سرمائيڪاري جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن جو چوڻ هو ته مختلف شعبن بابت ويجها رابطا ۽ گڏيل سرمائيڪاري تهران ۽ اسلام آباد جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهي ٿي. مسعود پزشڪيان چيو ته اقتصادي تعاون ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ٻطرفن رابطا جو دائرو وسيع ڪرڻ سان ٻنهي پاڙيسري ملڪن جا لاڳاپا وڌيڪ گهرا ٿيندا. هن علائقائي صلاحيتن ۽ دستياب وسيلن مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت تي به زور ڏنو وفاقي گهرو وزير محسن نقوي انهي موقعي تي چيو ته پاڪستان ۽ ايران جا لاڳاپا انهي کان اڳ ڪڏهن به موجوده سطح تي نه رهيا، اسلام آباد تهران سان ٻطرفي لاڳاپن ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي لاءِ پرعزم آهي. محسن نقوي واپاري ۽ معيشت سان گڏ سياحت، سياست، ثقافت ۽ سائنس جي شعبن ۾ به پاڪ ايران تعاون کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو ۽ چيو ته پاڪستان ايران سان اهڙن سمورن شعبن ۾ گڏيل رابطا وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ تيار آهي.

بقايا *** 03

عرب جو باوقار "مبادر ايوارڊ" حاصل ڪري پاڪستان لاءِ هڪ قابل فخر اعزاز ماڻيو آهي. اهو ايوارڊ سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزارت جي اهتمام هيٺ جده جي حيات پارڪ هوٽل ۾ منعقد ٿيل هڪ شاندار تقريب دوران ڏنو ويو. تقريب جو خاص "جي شيلڊ پيش ڪئي. اهو ايوارڊ ميزاب گروپ جي ڊائريڪٽر چوڌري امتياز الرحمان ۽ سعودي عرب ۾ گروپ جي ڪوآرڊينيٽر محمد صفي الله گڏيل طور وصول ڪيو ميزاب گروپ هن اعزاز کي پنهنجي سموري ٽيم لاءِ فخر ۽ حوصلا افزائي جو سبب قرار ڏيندي چيو ته گروپ جا ميمبر الله تعاليٰ جي مهمانن جي خدمت کي پنهنجي لاءِ اعزاز، سعادت ۽ مقدس ذميواري سمجهن ٿا ۽ انهيءَ جذبي سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. ان موقعي تي ميزاب گروپ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندي دعا ڪئي: "اي الله! اسان جون ڪوششون قبول فرماءِ، اسان کي پنهنجي مهمانن جي خدمت ڪندڙن ۾ شامل فرماءِ، اسان جي هن خدمت ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ اسان کي وڌيڪ اخلاص ۽ امانتداري سان هي ذميواري نڀائڻ جي توفيق عطا فرماءِ." گروپ ان عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو ته حاجين ۽ معتمرين جي خدمت اخلاص، محبت ۽ امانتداري سان جاري رکي ويندي. ميزاب گروپ پاڪستان — الله جي مهمانن جي خدمت، اسان جو اعزاز ۽ اسان جي سعادت

بقايا *** 04

جار واقعي جو نوٽيس ورتو ايس ايس پي گهوٽڪي واقعي جي مڪمل تفصيلن بابت فوري طور تي اسان کي آگاهي ڏئي. سنڌ جو گهرو وزير چيو آهي ته واقعي ۾ ملوث شريسندن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. فائرنگ جي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته علائقي ۾ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ ۽ امن امان بحال ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. زخمين لاءِ فوري طبي امداد ۽ بهترين علاج جون سهولتون يقيني بڻايون وڃن واقعي جي سببن ۽ ذميوار عنصرن جي سڃاڻپ کان پوءِ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا *** 05

ن سان ڳالهين ۾ چيو ته جيڪڏهن ٻنهي طرفان سياسي ڪميٽيون ٺاهيندو ته مسئلن جو حل نڪري سگهي ٿو. هن چيو ته حڪومت جڏهن به ڳالهين جي لاءِ تيار ٿئي، اسان جي طرفان دروازا کليل آهن. هن جو چوڻ هو ته ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ جي لاءِ سنجيده ۽ معنيٰ جوڳيون ڳالهيون ضروري آهن. وزيراعظم هڪ اهڙي ٽيم جوڙيندو جنهن ۾ بااختيار ۽ فيصلو ڪندڙ ماڻهو شامل هجن ته جيئن مسئلن جو عمل جوڳو حل ڪڍي سگهجي. هوڏانهن پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر به صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته گذريل رات کان وفاقي سطح تي لاڳاپيل شخصيتن سان رابطا جاري آهن. تازن واقعن جي حوالي سان پنهنجو موقف پهچائي ڇڏيو آهي. بيرسٽر گوهر مطالبو ڪيو ته اهڙن قدمن کان پاسو ڪيو وڃي جنهن سان صورتحال وڌيڪ ڇڪتاڻ واري ٿئي. چو ته گرفتاريون حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري سگهن ٿيون. هن چيو ته هاڻ به وقت آهي ته حالتن کي خراب ٿيڻ کان روڪيو وڃي. هن

جو وڌيڪ چيو ته هو پي ٽي آءِ اسلام آباد تي چڙهائي جو ارادو نٿي رکي پر پارليامينٽ، سينيٽ ۽ ٻين فورمز تي آواز اٿارڻ باوجود ڪنهن به قسم جي شنوائي نه ٿئي. هن سوال اٿاريو ته سياسي چيمپين ٻڌائين ته احتجاج کان علاوه اسان وٽ ٻيو ڪهڙو رستو رهجي وڃي ٿو.

بقايا *** 06

جي ميمبرن، دارالعلوم حقانيه جي نائب مهتمم مولانا راشد الحق حقاني، جمعيت علماءِ اسلام (س) جي امير مولانا عبدالحق ثاني، مولانا سيد محمد يوسف شاهه ۽ ٻين اطلاعات واري وفاقي وزير جو عطاءُ الله تارڙ ۽ قومي پيغام امن ڪميٽي جي ميمبرن دارالعلوم حقانيه جي مختلف حصن جو دورو ڪيو جتي ڪيس دارالعلوم جي مهتمم پاران تعليمي ۽ ديني خدمتن جي حوالي سان آگاهي ڏني وئي. وفاقي وزير دارالعلوم اندر تاريخي جامع مسجد عبدالحق جو به دورو ڪيو قومي پيغام امن ڪميٽي جي پليٽ فارم تان عالمن امن جي قيام ۽ قومي اتحاد لاءِ عزم کي ورجائيندي امن جي فروغ ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششن تي زور ڏنو اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ۽ قومي پيغام امن سلامتي ڪميٽي جي ميمبرن شيخ الحديث مولانا محمد ادريس ترنگزئي، مولانا حامد الحق حقاني ۽ مولانا سميع الحق شهيد جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي.

بقايا *** 07

ي ريسڪيو سروس 1122 جي مجموعي ڪارڪردگي، جاري آپريشنن ايمرجنسي رسپانس سسٽم ۽ مختلف انتظامي معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ملاقات ۾، ڊائريڪٽر آپريشنز ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيان چند ايسراني کي ريسڪيو 1122 جي ايمرجنسي سروسز، سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول، فيلڊ آپريشنز ۽ عوام کي فراهم ڪيل سهولتن بابت آگاهه ڪيو ايمرجنسي جي صورت ۾ بروقت جواب، بچاءُ ۽ انخلا طبي امداد، فائر فائٽنگ، پاڻي جي بچاءُ، شهري ڳولا ۽ بچاءُ سميت مختلف شعبن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ريسڪيو سروس جي آپريشنل صلاحيت، وسيلن جي اثرائتي استعمال، عملي جي تربيت ۽ مختلف ادارن سان هم آهنگي سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ بحث ڪيو ويو سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيان چند ايسراني هدايت ڪئي ته ريسڪيو 1122 جي ايمرجنسي سروسز کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ، عوام کي بروقت مدد فراهم ڪرڻ ۽ آپريشنل ۽ انتظامي معاملن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻڻ جاري رکيو وڃي.

بقايا *** 08

جي خلاف احتجاج طور آمريڪا جي وڏن ٽي وي نيٽ ورڪن صدر ٽرمپ جي ڪوريج تي پابندي لڳائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. فاڪس نيوز ميڊيا، اي بي سي نيوز، سي بي ايس نيوز، اين بي سي نيوز ۽ سي اين اين هڪ گڏيل بيان جاري ڪيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته حڪومت بابت صحيح ۽ آزادانه معلومات حاصل ڪرڻ عوام جي اهم مفاد ۾ آهي؛ ڪنهن به انتظاميا کي خبرن وارن ادارن تي رڪاوٽون نه وجهڻ گهرجن صرف ان ڪري جو اهي ان انتظاميا جا نقاد آهن. هي بيان وائيٽ هائوس پريس پول جي ان اعلان ڪانپوءِ سامهون آيو آهي ته هاڻي ڪان ٽي وي پول صدر ٽرمپ جي تقريبن جي ڪوريج نه ڪندو ۽ ڪا به متبادل پول ڪوريج فراهم نه ڪئي ويندي. هي قدم وائيٽ هائوس پاران سي اين اين (CNN) کي ان جي مقرر ڪيل ڪوريج جي ذميوارين کي پورو ڪرڻ کان روڪڻ جي ردعمل طور ڪنيو ويو آهي. مختلف ٽي وي چينلن پاران يڪجهتي جو اهو مظاهرو صدر ٽرمپ جي ان فيصلي جي نتيجي ۾ ڪيو ويو جنهن تحت سي اين اين، ايم ايس اين بي سي (MSNBC) ۽ پوليٽيڪو (Politico) جي صحافين جي وائيٽ هائوس تائين رسائي يا داخلا جا اختيار منسوخ ڪيا ويا. انهن ٽن ميڊيا ادارن جي صحافين جو چوڻ آهي ته وائيٽ هائوس ۾ داخلا لاءِ سندن اجازت ناما (credentials) منسوخ ڪيا ويا آهن ۽ کين عمارت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو پيو وڃي. صدر ٽرمپ انهن ٽن ادارن جي صحافين کي روڪڻ وقت ڪنهن خاص خبر يا رپورٽ جو حوالو نه ڏنو جڏهن ته هن ڌمڪي ڏني ته ٻين خبرن وارن ادارن جي صحافين لاءِ پڻ وائيٽ هائوس جا دروازا بند ڪيا وڃي سگهن ٿا. سي اين اين، ايم ايس اين بي سي ۽ پوليٽيڪو صدر جي قدمن خلاف ٽرمپ انتظاميا مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جو منصوبو پڻ ظاهر ڪيو آهي. سومر ڏينهن، صدر ٽرمپ انهن ميڊيا ادارن خلاف ڪنيل قدم جو دفاع ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي هئي. صدر ٽرمپ چيو ته وائيٽ هائوس آزاد پريس تي حملو نه پيو ڪري؛ بلڪه اهو "جعلي خبرن" (fake news) تي حملو ڪري رهيو آهي، جيڪي آمريڪا، ڪينسر وانگر پکڙجي چڪيون آهن.

بقايا *** 09

ڙ شهرين لاءِ ويزا جو شرط ختم ڪرڻ جو معاهدو طئي ٿي ويو آهي. معاهدي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ سعودي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس جي سائيڊ لائن تي صحيحون ڪيون. اسحاق ڊار ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته هن قدم سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ اعليٰ سطحي رابطن ۽ ادارجاتي سهڪار کي وڌيڪ آسان بڻائڻ ۾ مدد ملندي، جڏهن ته گڏيل مفادن جي سمورن شعبن ۾ ڊگهي عرصي کان قائم پائيدار اسٽريٽجڪ پائيواري کي اڳتي وڌائڻ ۾ پڻ سهڪار ملندو پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاع سميت مختلف شعبن ۾ ويجهو سهڪار جاري آهي ۽ ٻنهي ملڪن جي اعليٰ اختيارين وچ ۾ باقاعدگيءَ سان رابطا ٿيندا رهندا آهن. ان کان اڳ 7 آگسٽ تي پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ گڏيل دفاعي معاهدي تي پڻ صحيحون ڪيون هيون، جنهن جو مقصد گڏيل سلامتي کي مضبوط بڻائڻ، دفاعي سهڪار وڌائڻ ۽ خطي سميت سڄي دنيا ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ آهي. آگسٽ ۾ ئي ٻنهي ملڪن پاڪستاني زرعي ۽ غذائي شين جون سعودي عرب ڏانهن برآمدون 3 ارب ڊالر تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو هو اهو اتفاق سعودي ماحوليات، پاڻي ۽ زراعت واري وزير انجنيئر عبدالرحمان الفضلي جي سربراهيءَ ۾ سعودي وفد جي پاڪستان جي دوري دوران ٿيو هو ان کان اڳ جولاءِ ۾ سعودي عرب هڪ سال لاءِ ڪارآمد گهڻ_داخلا عمري جو ويزا پڻ متعارف ڪرايو هو جنهن تحت زائرين هڪ سال دوران ڪيترائي ڀيرا سعودي عرب وڃي سگهن ٿا، جڏهن ته هر سال مجموعي طور سعودي عرب ۾ رهڻ جي مدت 90 ڏينهن تائين محدود هوندي. 2024ع ۾ سعودي عرب

پاڪستاني شهرين لاءِ سياحتي ويزاجون شرطون پڻ نرم ڪيون هيون ۽ گهٽ ۾ گهٽ 750 ڊالر ماهوار ڪريڊٽ واري بئنڪ اسٽيٽمينٽ کي مالي حيثيت جي ثبوت طور قبول ڪرڻ جي منظوري ڏني هئي.

بقايا *** 10

رحيم چيو آهي ته ڪراچي جي عوام کي درپيش بنيادي مسئلن جي حل لاءِ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل هر سطح تي آواز بلند ڪندي. شهر جي عوام کي صاف پاڻي، بهتر نيڪال، صفائي بالادستي لاءِ سياسي ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکي ويندي. هن ضلعي ڏکڻ جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي مرڪزي آفيس قائم ٿيڻ تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته هي آفيس رڳو پارٽي سرگرمين جو مرڪز نه، پر عوامي رابطي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ به هڪ فعال پليٽ فارم هجڻ گهرجي. هن ڪارڪنن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي علائقن ۾ عوام سان رابطا وڌائين ۽ هر سطح تي شهرين جا مسئلا اجاگر ڪن. مرڪزي آفيس جي افتتاح ڪانپوءِ سردار عبدالرحيم جي سالگرهه جي موقعي تي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي موجود اڳواڻن، عهديدارن ۽ ڪارڪنن سردار عبدالرحيم کي سالگرهه جون مبارڪون ڏنيون ۽ سندس صحت، خوشحالي، ڊگهي عمر ۽ سياسي توڙي تنظيمي ڪاميابين لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا *** 11

وارن سمورن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ضرور پيارين ۽ پوليو جي خاتمي وارين ٽيمن سان ڀرپور تعاون ڪن. پنهنجي وڊيو پيغام ۾ هن چيو ته 21 کان 27 سيپٽمبر تائين ملڪ جي 115 چونڊ ضلعن ۾ ذيلي قومي پوليو جي خاتمي واري مهم جاري آهي، جنهن دوران 3 ڪروڙ 10 لک کان وڌيڪ ٻارن تائين پهچ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. عائشه رضا فاروق چيو ته هاڪاري ماحولياتي نمونن ۾ گهٽتائي سٺو سگنل آهي، جڏهن ته پوليو جو خطرو مڪمل طور تي ختم ناهي ٿيو جيستائين پوليو وائرس دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ موجود آهي، هر ٻار تائين پوليو ويڪسين جي پهچ يقيني بڻائڻي پوندي. هن چيو ته پوليو جي خاتمي وارين ٽيمن جا ورڪر ڏکين چئلينجنگ حالتن باوجود ٻارن جي تحفظ لاءِ گهر گهر وڃي رهيا آهن. والدين پوليو ٽيمن سان تعاون ڪن ۽ پنهنجي پنجن سالن تائين جي عمر جي ٻارن کي هر مهم دوران پوليو کان بچاءَ جا قطرا ضرور پيارين. وزيراعظم جي فوڪل پرسن عالم سڳورن، ميڊيا، ڪميونٽي اڳواڻن ۽ والدين کي به اپيل ڪئي ته هو پوليو جي خاتمي واري مهم جي ڪاميابي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ معاشري ۾ پوليو ويڪسين جي اهميت جي حوالي سان آگاهي پيدا ڪن. هن چيو ته هر ٻار کي پوليو کان محفوظ بڻائڻ اسان سڀني جي قومي ذميواري آهي، والدين ۽ معاشري جي سمورن طبقن جي تعاون سان ملڪ کي پوليو کان پاڪ ڪرڻ جو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

بقايا *** 12

ڪراچي ۾، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان گڏ، ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بلوچ، ايس ايس پي ايس آءِ يو سميع الله سومرو، ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي ۽ لاڳاپيل پوليس ٽيمن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا. ويسٽ پوليس کي سرجاني ٽائون ۾ هڪ عورت سميت چار ماڻهن جي قتل جي سنگين ڪيس کي ڪاميابي سان حل ڪرڻ تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، جڏهن ته ايس آءِ يو پوليس کي منشيات خلاف اثرائتي ڪارروائي ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات جي وصولي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ويسٽ پوليس جي پيشورانه مهارت ۽ اثرائتي جاچ ذريعي انڌي قتل جي سنگين ڪيس کي حل ڪرڻ ۽ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪارڪردگي ساراهه جوڳي آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته منشيات جي لعنت خلاف ڪامياب آپريشن ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات جي وصولي پوليس جي ڏوهن خلاف اثرائتي حڪمت عملي، پيشه ورانه صلاحيت ۽ عزم جو ثبوت آهي. آءِ جي سنڌ چيو آهي ته پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جو فرض جو احساس، پيشه ورانه صلاحيت ۽ ڏوهن خلاف مضبوط عزم ساراهه جوڳو آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته بهترين ڪارڪردگي جي سڃاڻپ نه رڳو آفيسرن ۽ اهلڪارن کي حوصلا افزائي ڪري ٿي پر پوري پوليس فورس ۾ وڌيڪ محنت ۽ بهتر ڪارڪردگي جو جذبو پڻ پيدا ڪري ٿي. ڏوهن خلاف شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن ۽ اهلڪارن جي خدمتن جي حوصلا افزائي ۽ اعتراف جو عمل جاري رهندو.

بقايا *** 13

ن ۾ جهيڙي دوران ٽي ڄڻا قتل جڏهن ته 8 سخت زخمي ٿي پيا. گهوٽڪي پرسان بيلو ميرپور ٽاٽي جي حد اندر ڳوٺ ڪيهر مرڪاس ۾ مرڪاس برادري جي ٻن ڌرين جي وچ ۾ سڱاوتي معاملي تان تان مبينا طور جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ استاد بلاول مرڪاس، مختيار مرڪاس، ۽ وقار مرڪاس قتل ٿي ويا جڏهن ته 3 عورتن ۽ 5 مردن جي سخت زخمي ٿيڻ جا اطلاع پڻ سامهون اچي ويا آهن. واقعي ڪانپوءِ زخمين ۽ قتل ٿي ويلن جي لاشن کي مقامي ماڻهن جي مدد سان اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي، زخمين ۾ ڪجهه ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي جهيڙي سبب علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جڏهن ته واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس طرفان جهيڙي جا سبب معلوم ڪرڻ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 14

ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي. ميڊيا سان ڳالهائيندي چيف فائر آفيسر همايون خان ٻڌايو ته باهه بلوچ ڪالوني گرڊ اسٽيشن جي ٽن پينلز ۾ لڳي، انهن پينلز جي مٿان فيول ٽينڪ موجود هئا ۽ جڏهن ٽيم اتي پهتي ته باهه جا شعلا 30 کان 40 فوٽ اوچائي تائين اٿي رهيا هئا. چيف فائر آفيسر همايون خان موجب، ائن فائر ٽينڊرز ۽ پاڻي جي ٻن ٽينڪرن (واٽر باؤزرز) جي مدد سان باهه تي ضابطو آندو ويو. ان واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو ۽ في الحال "ڪولنگ" (ٿڌو ڪرڻ) جو عمل جاري آهي. علائقي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته باهه سبب منظور ڪالوني، بلوچ ڪالوني، محمود آباد ۽ پي اي سي ايچ ايس ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي آهي. بلوچ ڪالوني گرڊ اسٽيشن ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي

اسسٽنٽ ڪمشنر فيروز آباد، جويريا اقبال تصديق ڪئي ته باهه تي ضابطو آندو ويو آهي ۽ فائر برگيڊ جا اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي باهه وسائي ڇڏي. اسسٽنٽ ڪمشنر ٻڌايو ته واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو ۽ احتياطي قدم طور علائقي جي بجلي جي فراهمي بند ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 15

عورت ملوث هئا ۽ جوابدارن وٽ تالن جون چابيون موجود هيون. پوليس موجب، جوابدارن عمارت جا تالا کوليا، 50 لک رپين کان وڌيڪ رقم کڻي فرار ٿي ويا. ان کان علاوه، ڪلفٽن بلاڪ 8 ۾ قورو هڪ واپاري کان 17 لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا. متاثر واپاري ٻڌايو ته واردات ۾ ست هٿياربند جوابدار ملوث هئا، جيڪي ٽن موٽرسائيڪلن تي سوار هئا. پوليس جو چوڻ آهي ته سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان جوابدارن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا *** 16

هر آپٽڪ ڪيبل ڪٽجي وئي جنهن سبب وڏو فضائي بحران پيدا ٿي ويو نيويارڪ ايئرپورٽ ۽ ويجهي فضائي نيٽ ورڪ کي هڪ وڏي ٽيڪنيڪي بحران کي منهن ڏيڻو پيو آهي جنهن سبب آخري اطلاعن تائين ملڪ جي 9 وڏن ايئرپورٽن جو فلائٽ آپريشن سخت متاثر ٿيو آهي جنهن سبب هڪ هزار کان وڌيڪ اڏامون ملتوي ڪرڻيون پيون جڏهن ته 900 اڏامون متاثر ٿيون جنهن ۾ دير جو ٽائيم 170 منٽن تائين رپورٽ ٿيو آهي. اختيارين موجب واقعو نيو جرسي ريل آپريٽر ايمٽريڪ جي ڪم جي ڪوتائي دوران پيش آيو زميني ڪم جي دوران ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول جي هڪ اهم فائبر آپٽڪ ڪيبل ڪٽجي وئي جنهن سبب نيويارڪ سميت خطي جو ٽيلي ڪميونيڪيشن سرڪٽ فيل ٿي ويو. ڪيبل ڪٽجڻ سبب فلاڊيلفيا ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول جي ريڊيو فريڪوئنسيز سخت متاثر ٿي جنهن کان پوءِ هنگامي طور تي نيويارڪ، فلاڊيلفيا، ٽينر بورا ايئرپورٽس تي اڏامن کي روڪڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا اهو سينٽر خطي جي وڏن ايئرپورٽس تي لينڊنگ ۽ ٽيڪ آف جي رهنمائي ڪندو آهي، انهي سان نيويارڪ، فلاڊيلفيا، واشنگٽن، بوسٽن، سان ڊيگو ويسٽ پام بيچ، ڊيلس ايئرپورٽس جو شيڊول سخت متاثر ٿيو جڏهن ته سوين اڏامن جو رخ ٻين شهرن طرف موڙيو ويو اختيارين موجب اها شديد ٽيڪنيڪي خرابي اهڙي وقت ۾ پيش آئي آهي جڏهن ملڪ ۾ گڏيل قومن جي اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ عالمي اڳواڻن جون اڏامون نيويارڪ ۾ لهي رهيون آهن جڏهن ته انهي بحران سبب مسافرن کي پريشاني ۽ فضائي نظام تي دٻاءُ وڌيڪ وڌي ويو آهي. نيويارڪ جون 1321، بوسٽن جون 1399، فلاڊيلفيا جون 1218، واشنگٽن جون 773، ويسٽ پام بيچ جون 230، سان ڊياگو جون 800 ۽ ڊيلس جون 2500 اڏامون متاثر ٿيون آهن.

بقايا *** 17

امارات جي نائب صدر ۽ وزيراعظم شيخ محمد بن راشد المڪتوم جي ڀاءُ شيخ احمد بن راشد المڪتوم جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي. اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو آهي ته شيخ محمد بن راشد المڪتوم، سوڳوار خاندان ۽ گڏيل عرب امارات جي عوام سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي. اسپيڪر سنڌ اسيمبلي چيو آهي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي صبر عطا فرمائي.

بقايا *** 18

ي تعليمي ادارن ۾ مفت تعليم سان گڏ بحالي، فزيو ٿيراپي، اسپيچ ٿيراپي، ٽرانسپورٽ سان گڏ ماهوار 3 هزار پيا وظيفو ڏنو پيو وڃي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته خصوصي ٻارن جي لاءِ 37 اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽرز مان 49 جديد ڊجيٽل ڪلاس رومز جو قيام هڪ اهم اڳڀرائي آهي. ڊجيٽل ڪلاس رومز ۾ ٻڌڻ کان محروم 754 شاگردن کي فائدو پهچندو پوري سنڌ ۾ قائم ڪيل 20 سيٽلائيٽ اسڪولن ذريعي 476 اهڙن ٻارن کي تعليمي موقعا ملي سگهندا، جن کي خصوصي تعليم جي سهولتن تائين رسائي ۾ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا هئا، ڊجيٽل ڪلاس رومز ۾ اسمارٽ بورڊ، اي لرننگ ٽولز ۽ جديد تعليمي سهولتون ڏنيون ويون آهن، حڪومتي قدمن سان خصوصي ٻارن جي لاءِ جديد تدريسي وسيلن تائين رسائي ۾ اضافو ٿيندو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 20 سيٽلائيٽ اسڪولن جو مقصد تعليم کي انهن علائقن پهچائڻ آهي جتي خصوصي ٻارن جي خصوصي تعليمي ادارن تائين پهچ محدود آهي. حڪومت پاران سائن لينگويج ٽيچرز ٽريننگ پروگرام پڻ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن سان استادن جي پيشوراڻي صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو ڊجيٽل ڪلاس رومز سيٽلائيٽ اسڪول ۽ سائن لينگويج ٽيچرز ٽريننگ پروگرام کي وسعت ڏيڻ حڪومت اولين ۾ شامل آهي.

بقايا *** 19

س تي لاڳو ٿئي ٿو ۽ اهو مڙس کي نيڪ نيتيءَ سان، طئي ٿيل وقت تي ۽ اهڙن شرطن ڪانسواءِ زال کي ادا ڪرڻ گهرجي، جيڪي سندس عزت ۽ وقار کي مجروح ڪن. جسٽس شاهد وحيد جي سربراهيءَ ۾ سپريم ڪورٽ جي پنج رڪني بئنچ، جنهن ۾ جسٽس عرفان سعادت خان، جسٽس عقيل احمد عباسي ۽ جسٽس شاهد بلال حسن شامل هئا، پنهنجي فيصلي ۾ چيو: "جيڪڏهن حق مهر ادا نه ڪيو وڃي ته عدالتن کي مداخلت ڪرڻ گهرجي؛ نه هڪ سان، نه معذرت سان، پر قانون جي مڪمل اختيار سان." پنج رڪني بئنچ جو متفقه فيصلو انهن سول ۽ فوجداري درخواستن جي هڪ گڏيل ڌر تي آيو جن ۾ نڪاح نامي ۾ حق مهر بابت درج شرطن جي قانوني حيثيت جو معاملو شامل هو. فيصلي ۾ چيو ويو ته "حق مهر نه ته زال جي قيمت آهي ۽ نه ئي عام قانون جي فني مفهوم ۾ ڪنهن معاوضي جي حيثيت رکي ٿو." عدالت وڌيڪ چيو ته حق مهر زال جو خاص ملڪيت وارو حق آهي.

بقايا *** 20

يواري جي موقعن جو جائزو ورتو ويو. جڏهن ته اسڪول ميلن، غذائيت، موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ قدم ۽ سماجي تحفظ جي شعبن ۾ تعاون وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي غور ڪيو ويو اجلاس دوران سنڌ پائيدار اسڪول کاڌي پروگرام خاص طور تي بحث جو مرڪز رهيو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته پروگرام لاءِ آمريڪي زراعت کاتي پاران لڳ ڀڳ 80 ملين ڊالر جي گرانٽ فراهم ڪئي وئي آهي، جنهن تحت سنڌ جي 5 ضلعن جي 1336 سرڪاري اسڪولن ۾ اڍائي لک شاگرد فائدو حاصل ڪندا. پروگرام ۾ ڪياماڙي، مليئر، سڄاول، ٺٽو ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعا شامل آهن. ڊبليو ايف پي پاران ڪياماڙي ۽ مليئر 'سيٺو دي چلڊرن انٽرنيشنل' پاران سڄاول، ٺٽي ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ پروگرام تي عمل ڪيو ويندو پروگرام تحت اسڪولن ۾ کاڌي جي فراهمي سان گڏ واش سهولتن جي بحالي، غذائيت بابت تعليم، خوراڪ جي تحفظ ۽ صفائي، خواندگي ۾ بهتري ۽ ٻارن جي تحفظ بابت سرگرميون پڻ شامل آهن. ڊبليو ايف پي جو پروگرام ڪياماڙي ۽ مليئر جي 614 اسڪولن ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک شاگردن کي پنجن سالن تائين ڍڪيندو اجلاس ۾ وڏي وزير کي مفاهمت جي ياداشت، نگراني ڪميٽين، مستحق اسڪولن جي چونڊ، ڪچن جي تعمير لاءِ هنڌن جي منظوري، بنيادي سروي ۽ پروگرام تي عملدرآمد جي تيارين بابت اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ويو اجلاس ۾ بينظير نشونما پروگرام لاءِ ڊبليو ايف پي جي جاري سهڪار جو پڻ جائزو ورتو ويو، جڏهن ته ماءُ ۽ ٻار جي غذائيت، شديد غذائي کوٽ کي برادري سطح تي منهن ڏيڻ ۽ موسمياتي لچڪ بابت پروگرامن تي به غور ڪيو ويو موسمياتي خطرن کان متاثر ڪمزور آبادي کي بروقت تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ اڳواٽ قدم کڻڻ تي پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي ۽ ڊبليو ايف پي جي وچ ۾ حڪومت جي اڳواڻيءَ ۾ اڳواٽ قدمن واري پروگرام تي تعاون جو جائزو ورتو ويو، جنهن جو مقصد ٻوڏ، ڏڪار ۽ ٻين موسمياتي هنگامي حالتن کان اڳ ڪمزور خاندانن تائين بروقت مدد پهچائڻ آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته کاڌي، غذائيت ۽ انساني سرمائي جي ترقي پائيدار ترقي جا بنيادي ٿنڀا آهن. سنڌ پائيدار اسڪول کاڌي پروگرام رڳو کاڌو فراهم ڪرڻ جو منصوبو نه، پر ٻارن جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي. هن چيو ته غذائي کوٽ کي منهن ڏيڻ ۽ اسڪولن ۾ ٻارن جي حاضري بهتر بڻائڻ سان صحت مند ۽ خوشحال سنڌ جي بنياد مضبوط ڪئي پئي وڃي. مراد علي شاهه موسمياتي لچڪ، آفتن کان اڳ تياري ۽ سماجي تحفظ جي شعبن ۾ ڊبليو ايف پي جي سهڪار کي ساراهيندي چيو ته سنڌ موسمياتي تبديلي کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ علائقن مان هڪ آهي، تنهن ڪري فعال ۽ اڳواٽ قدم کڻندڙ نظام ناگزير آهن. وڏي وزير صوبي ۾ موسمياتي لچڪ ۽ اڳواٽ قدمن جي نظام کي ادارتي شڪل ڏيڻ، موسمياتي نظام مضبوط ڪرڻ ۽ جامع اسڪول صحت ۽ غذائيت پاليسي جوڙڻ تي زور ڏنو هن اسڪول کاڌي پروگرام کي وڌيڪ ضلعن تائين وڌائڻ ۽ غذائيت، واش، تعليم ۽ سماجي تحفظ کي گڏيل طريقي سان اڳتي وڌائڻ جي هدايت پڻ ڪئي. ڊبليو ايف پي پاڪستان جي نمائندي انيتا هرش سنڌ حڪومت جي قيادت ۽ عزم کي ساراهيندي چيو ته سنڌ پائيدار اسڪول ميل پروگرام غذائيت، تعليم، صحت ۽ مقامي معاشي ترقي جو گڏيل ماڊل آهي. هن چيو ته ڊبليو ايف پي سنڌ حڪومت سان گڏ پائيدار نظام جوڙڻ لاءِ پائيواري جاري رکندو اداري جي عالمي حڪمت عملي حڪومتي ادارن کي مضبوط ۽ موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ لچڪدار نظام جوڙڻ تي ڌيان ڏئي ٿي. انيتا هرش چيو ته ڊبليو ايف پي جو مقصد رڳو هنگامي حالتن ۾ امداد پهچائڻ نه، پر اهڙا حڪومتي حل مضبوط ڪرڻ پڻ آهي، جيڪي مستقبل ۾ انساني ضرورتن ۽ بحرانن کي گهٽائي سگهن. اجلاس ۾ صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو ته تعليم ۽ صحت جي خدمتن سان غذائيت کي ڳنڍڻ ضروري آهي. غذائي کوٽ ٻارن ۽ ماڻن کي درپيش سنگين چئلينجن مان هڪ آهي، جڏهن ته زندگي جي پهرين هڪ هزار ڏينهن ۾ ابتدائي ٻالپڻ ۾ سيڙپڪاري جا ڊگهي مدي وارا فائدا سامهون اچن ٿا. هن چيو ته بينظير نشونما ۽ اسڪول ميل پروگرام ٻارن جي غذائيت بهتر ڪرڻ ۽ گهٽ قد جي شرح گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهيا آهن، جڏهن ته صحت کاتو غذائيت، ماءُ ۽ ٻار جي صحت ۽ ڪميونٽي سطح تي ڪم جاري رکندو پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ جي چيئرمين نجم احمد شاهه ڊبليو ايف پي سان پائيواري کي سنڌ جي ترجيحن سان هم آهنگ قرار ڏيندي چيو ته سهڪار سان خوراڪ، غذائيت، موسمياتي لچڪ ۽ سماجي تحفظ بابت عالمي تجربن مان فائدو حاصل ٿي رهيو آهي. اجلاس جي پڄاڻي تي ٻنهي ڌرين جاري پروگرامن جي اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي اسڪول ميل، غذائيت، خوراڪي نظام ۽ موسمياتي لچڪ جي شعبن ۾ سهڪار وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. جڏهن ته اڳواٽ قدمن، سماجي تحفظ ۽ ادارتي صلاحيت وڌائڻ لاءِ تعاون جاري رکڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ نجم احمد شاهه، اسڪول ايجوڪيشن کاتي جو سيڪريٽري زاهد عباسي، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جو سي اي او ارشاد سودر، ايس پي ايچ ايس جي سي اي او خالد شيخ ۽ ڊبليو ايف پي جي لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 21

ويا آهن. زلزلي جي نگراني ڪندڙ مرڪز (سيزمولاجيڪل سينٽر) موجب، پشاور، سوات، ٻونير ۽ شانگلا ۾ جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. ان سان گڏوگڏ، مهمند ۽ شبقدر ۾ پڻ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا.

بقايا *** 22

مختلف روڊن جي پاسن تي رکيا ويا آهن. پنجاب حڪومت وڌيڪ ڪنٽينر جهلم، منڊي بهاءُ الدين، گجرانوالا ۽ ٻين شهرن مان پڪڙي اسلام آباد منتقل ڪري رهي آهي. اعلان موجب 22 سيپٽمبر تي جماعت اسلامي، 25 سيپٽمبر تي ڪسان اتحاد ۽ 27 سيپٽمبر تي پي ٽي آءِ اسلام آباد ۾ احتجاج جا اعلان ڪيا آهن. وفاقي حڪومت پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان مان 23 هزار کان مٿي پوليس اهلڪار اسلام آباد گهرايا آهن جن جي رهائش لاءِ 22 سيپٽمبر کان سرڪاري اسڪولن ۾ موڪل ڪئي وئي آهي، جتي پوليس اهلڪارن کي ترسايو ويندو وفاقي گهرو وزارت 40 ڪروڙ رپين جا فنڊز امن امان لاءِ جاري ڪيا آهن ۽ ضرورت پون تي وڌيڪ فنڊز به جاري ڪيا ويندا. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته گهٽ ۾ گهٽ پاڪي خالي ڪنٽينر آهن، جن ۾ مٽي ۽ تعميراتي فضلو ڀريو پيو وڃي جيئن انهن جو وزن وڌي ۽ کين هٽائڻ ڏکيو ٿي وڃي. پوليس ذريعن موجب ريڊ زون ۾ ڪيترن ئي ڪنٽينرز کي ويلڊنگ ڪري ڳنڍيو ويو آهي. اسلام آباد انتظاميا چيو آهي ته 40 فٽ ڊگهي ڪنٽينر جو ڪرايو روزانو 20 هزار ڏنو ويندو ۽ ننڍي ڪنٽينر جو ڪرايو 10 هزار روزانو مقرر ڪيو ويو آهي. آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ ايسوسيئيشن جي صدر اويس چوڌري ميڊيا کي ٻڌايو ته سندس ڪمپني جا ڪنٽينر پڪڙيا ويا آهن. اسانجي ٽرڪن جي ڊرائيورن جا لائيسنس ۽ گاڏين جا ڪاغذ پوليس ڪسي ورتا آهن. هن چيو ته 2024 ۾ پي ٽي آءِ جي ڌرڻي وقت به سندس ڪمپني جا ڪنٽينر پڪڙيا ويا هئا، ڪو به معاوضو نه ڏنو ويو هو ۽ احتجاج ختم ٿيڻ جي ڪيترن ڏينهن بعد ڪنٽينر گاڏيون ۽ ڪاغذ واپس ڪيا هئا. پوليس موٽر وي ۽ جي ٽي روڊ کان اسلام آباد ايندڙ ماڻهن جا شناختي ڪارڊ چيڪ ڪيا پيا وڃن. هڪ پاسي پوليس ۽ انتظاميا اهي اپاءَ وٺي رهي آهي ته ٻئي پاسي حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ۾ رابطا به هلن پيا. وفاقي حڪومت کي چيو ويو آهي ته عمران خان کي سپريم ڪورٽ جي حڪم مطابق شفا انٽرنيشنل اسپتال منتقل ڪريو، گرفتار ڪارڪنن بشمول خان جي ڀيڻن کي آزاد ڪريو، عدالتي حڪم موجب ذاتي معالج، خاندان، وڪيلن ۽ پارٽي اڳواڻن جي خان سان ملاقات ڪرايو ته ڌرڻي جي ڪال واپس وٺي سگهجي ٿي. ٻئي پاسي راولپنڊي ۾ پنجاب حڪومت جي درخواست تي 6 مهينن لاءِ گهرايل فوجي دستن گشت شروع ڪيو آهي.

بقايا *** 23

ساران تنگي بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي دوران فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ 6 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته سيڪيورٽي فورسز بهادري ۽ پيشوراڻي مهارت جي ذريعي دهشتگردن جي ڪڌي ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو هن چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن شعبان 2 جاري رهندي پاڪستان جي امن، سلامتي ۽ ترقي کي نقصان پهچائڻ جي هر ڪوشش کي پوري قوت سان ناڪام بڻايو ويندو ۽ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون جاري رهنديون. وزيراعظم چيو ته قوم پنهنجي بهادر جوانن سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا *** 24

فون ڪندي جماعت اسلامي جو لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي. جماعت اسلامي جي ترجمان موجب وزيراعظم شهباز شريف جو فون حافظ نعيم الرحمان جي ملتان پهچڻ تي ڪيو ويو آهي ترجمان جو چوڻ آهي ته وزيراعظم جماعت اسلامي کان مارچ سندس پاڪستان پهچڻ تائين ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي، جماعت اسلامي جي ترجمان موجب وزيراعظم چيو ته پاڪستان واپسي تي جماعت اسلامي سان پيٽروليم ليوي تي نتيجا ڏيندڙ ڳالهيون لاءِ تيار آهيان. ترجمان موجب حافظ نعيم الرحمان وزيراعظم کي ٻڌايو ته اسان ڪنهن به قسم جو امن امان جو مسئلو يا حڪومت سان ٽڪراءُ نٿا چاهيون، اسان عوام جي حقن لاءِ نڪتا آهيون ۽ حڪومت کي اهي حق ڏيڻا پوندا. جماعت اسلامي جي ترجمان جو چوڻ آهي ته وزيراعظم جي احتجاج ملتوي ڪرڻ جي درخواست تي شوريٰ کان مشوري بعد رد عمل ڏينداسين. حڪومت جي درخواست تي اسان مارچ ملتوي به ڪنداسين ته احتجاج جي حق کان هٿ نه کڻنداسين ياد رهي ته جماعت اسلامي جو ٻئين ترين لانگ مارچ ڪراچي کان ملتان پهچي ويو آهي. ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نيويارڪ پهچي ويو آهي.

بقايا *** 25

حيثيت نٿي رکي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته ايم ڪيو ايم پنهنجن مقصدن ۾ ڪامياب نه ٿيندي، جڏهن ته اردو ڳالهائيندڙن ايم ڪيو ايم جي ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي. پ پ اڳواڻ چيو ته ڪراچي جي اردو ڳالهائيندڙن کي يقين ڏيارڻ گهرجي ته ماضي جهڙا واقعا ٻيهر نه ٿيندا. هن چيو ته واپاري برادري کي به خاطري ڪرائڻ گهرجي ته ڪين ماضي وانگر ڀتي جون پرچيون نه ملنديون. ناصر حسين شاهه چيو ته مختلف لساني ۽ سماجي طبقن کي تحفظ جي ضمانت ڏيڻ ئي حقيقي تسلي هوندي. اردو ڳالهائيندڙ منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن. ڪين ڪنهن به قسم جي خوف ۾ مبتلا ٿيڻ نه گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته اردو ڳالهائيندڙن واضح ڪري ڇڏيو آهي ته هو الڳ صوبي جي حق ۾ ناهن.

بقايا *** 26

ست تي لانگ مارچ آڪٽوبر جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته احتجاج جاري رهندو ملتان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي عوام جي بنيادي مسئلن جي ڳالهه ڪري ٿي، حڪومت پيٽرول جي قيمت وڌائي ۽ ٽيڪس وصول ڪري پنهنجي ڪرپشن لڪائي ٿي، ملڪ جي 42 شهرن ۾ ڌرڻا جاري آهن. حافظ نعيم چيو ته هن حڪومت کي لٽ ختم ڪرڻ لاءِ چيو پر منفي جواب مليو ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيون آهن. ڪراچي کان روهڙي ۽ روهڙي کان ملتان تائين ٽرين مارچ شروع ڪيو ويو آهي. هو عوامي مسئلن لاءِ ثابت قدم آهي. هن چيو ته پيٽروليم جي قيمتن سبب ملڪ سخت صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي؛ حڪومت جو رليف پيڪيج شايد ٻين لاءِ فائديمند هجي پر عام ماڻهوءَ لاءِ ان ۾ ڪجهه به ناهي، ۽ سندن تحريڪ زور پڪڙي رهي آهي. حافظ نعيم چيو ته حڪومت ليوي جي آڙ ۾ عوام کان پئسا ڦري رهي آهي. هن ٻڌايو ته وزيراعظم لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي، پر زور ڏنو ته هو پنهنجو احتجاج نه ڇڏيندا؛ هن پارٽي ڪارڪنن جي اٿل جذبي جو ذڪر ڪيو جيڪي اڳتي وڌڻ لاءِ پرعزم آهن. جماعت اسلامي جي امير چيو ته صورتحال بابت حڪومت جي موقف کان قطع نظر، هو نه روڪيا ويندا؛ ڌرڻا جاري رهندا، جيتوڻيڪ لانگ مارچ آڪٽوبر جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته موجوده صورتحال جي ذميوار صرف حڪومت آهي. سندن ايجنڊا انتشار يا ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ نه پر عوام لاءِ رليف حاصل ڪرڻ آهي؛ هن وزيراعظم تي زور ڏنو ته هو جلد ملڪ واپس اچن ته جيئن ڳالهيون ٿي سگهن. حافظ نعيم الرحمان چيو ته جيڪڏهن وزيراعظم رليف ڏئي ٿو ته تمام سٺي ڳالهه آهي، ٻي صورت ۾ لانگ مارچ جاري رهندو هو هن وقت ملتان ۾ موجود آهن. ۽ جيڪڏهن رليف نه ڏنو ويو ته مارچ اڳتي وڌندو، جيتوڻيڪ هو ملاقات ۽ ڳالهين لاءِ تيار آهن. پر هو لانگ مارچ تان پوئتي نه هٽندا ۽ حڪومت کان لٽ ۾ يقين دهاني حاصل ڪرڻ تي زور ڏيندا. ياد رهي ته وزيراعظم شهباز شريف جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان کي فون ڪري مارچ ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي. جماعت اسلامي جي ترجمان موجب، وزيراعظم شهباز شريف ملتان پهچڻ تي حافظ نعيم الرحمان سان فون تي رابطو ڪيو ۽ لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو چيو. حافظ نعيم الرحمان وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ته اهي امن امان جا مسئلا پيدا ڪرڻ يا حڪومت سان ٽڪراءُ ۾ اچڻ نٿا چاهين. هن چيو ته اهي عوام جي حقن لاءِ روڊن تي نڪتا آهن ۽ حڪومت کي اهي حق ڏيڻ گهرجن. جماعت اسلامي جي ترجمان چيو ته جيڪڏهن اهي حڪومت جي درخواست تي مارچ ملتوي ڪن به، ته به احتجاج جو حق نه ڇڏيندا؛ مارچ ملتوي ڪرڻ جي درخواست بابت جواب پارٽي جي شوريٰ (مشورتي ڪائونسل) سان مشاورت ڪانپوءِ ڏنو ويندو ياد رهي ته پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جو "سپر ٽرين" لانگ مارچ ملتان پهچي چڪو آهي.

بقايا *** 27

سپورٽيشن، اسٽوريج اينڊ مارڪيٽنگ رولز 2016ع ۾ ترميم، اوگرا آرڊيننس 2002ع جي شق 30 ۾ ترميم، وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس 1977ع ۾ ترميم ۽ پاڪستان ميرين اڪيڊمي کي ڊگريون جاري ڪندڙ ادارو بڻائڻ سميت ڪيترين ئي قانوني تجويزن ۽ مسودن جي منظوري ڏئي ڇڏي. قانون سازي جي معاملن بابت ڪابينا ڪميٽي جو اجلاس ڪابينا ڊويزن ۾ وفاقي وزير قانون ۽ انصاف سينيٽر اعظم نذير تارڙ جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ مختلف قانوني ۽ انتظامي معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ لاڳاپيل وزارتن، کاتن ۽ ڊويزنن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ڪميٽي پاڪستان آئل ريفائننگ، بلينڊنگ، ٽرانسپورٽيشن، اسٽوريج اينڊ مارڪيٽنگ رولز 2016ع ۾ ترميم جي منظوري ڏئي ڇڏي. ڪميٽي آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) آرڊيننس 2002ع جي شق 30 ۾ ترميم جي به منظوري ڏني، جنهن تحت اوگرا ۾ قانوني معاملن جي ميمبر جي عهدي شامل ڪرڻ جي تجويز منظور ڪئي وئي. ڪميٽي وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس 1977ع ۾ ترميم جي پڻ منظوري ڏئي ڇڏي.

بقايا *** 28

تي پکڙيل ميري ڪلچر سيڙپڪاري ۽ ترقياتي رياست قائم ڪرڻ جو منصوبو پيش ڪري ڇڏيو وزارت پاران جاري ڪيل ٻڌائي موجب، تجويز ڪيل منصوبي بابت ڏنل ڄاڻ دوران وفاقي وزير چيو ته هن رياست ۾ ميري ڪلچر ۽ آبي زراعت سان گڏ مڇين جي ٻچن جون افزائشگاهون، تحقيق ۽ جدت، تياري ۽ هوشيار انتظام، سيڪيورٽي ۽ نگراني، ساوا پنا ۽ خوبصورتي وڌائڻ وارا وڻ پوٽا شامل آهن. وفاقي وزير چيو ته هن قدم جو مقصد سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ، برآمدات وڌائڻ، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ ٽيڪنالاجي توڙي جدت کي هٿي ڏيڻ آهي، جيڪو ملڪ جي نيري معيشت جي واڌ ويجهه ۾ مددگار ثابت ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته پائيدار نيري معيشت قائم ڪرڻ ۽ ساموندي علائقن جي رهواسين لاءِ نوان معاشي موقعا پيدا ڪرڻ خاطر جديد ساموندي بنيادي ڍانچي ۽ ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري ضروري آهي.

بقايا *** 29

تائين جاري رهنديون. آءِ ايم ايف جي مشن کي جون تائين جي معاشي سرگرمين بابت بريفنگ ڏني ويندي، جڏهن ته ڍانچائي معيارن تحت مقرر هدفن تي به آءِ ايم ايف سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي. پاڪستان معاشي سڌارن جي هدفن بابت آءِ ايم ايف سان ڳالهيون ڪندي ڳالهين دوران توانائي جي شعبي ۾ سڌارن تي به بحث ٿيندي جڏهن ته بجلي ۽ گئس جي شعبن جي گردشي قرض بابت مقرر هدف پڻ غور هيٺ ايندا. آءِ ايم ايف سان ڳالهيون ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ پاڪستان کي 1.2 ارب ڊالر تائين ملڻ جو امڪان آهي. اي ايف ايف جي پنجين قسط ۾ لڳ ڀڳ هڪ ارب ڊالر جڏهن ته موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي 20 ڪروڙ ڊالر ملڻ جو امڪان آهي. پاڪستان 37 مهينن تي ٻڌل آءِ ايم ايف پروگرام سيپٽمبر 2024ع ۾ حاصل ڪيو هو اي ايف ايف پروگرام جي پهرين هڪ ارب ڊالر جي قسط سيپٽمبر 2024ع ۾ ملي هئي، ٻي هڪ ارب ڊالر جي قسط مئي 2025ع ۾، جڏهن ته ٽئين قسط 11 ڊسمبر 2025ع تي وصول ٿي هئي.

بقايا *** 30

سليم، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آپريشنز احسن رضا، ترجمان سنڌ حڪومت سعديه جاويد، جينزو ڪمپني جي سي اي او خديجه، ڊائريڪٽر ضلعي سينٽرل ارشاد آرائين، ميڊيا ۽ وڏي انگ ۾ معززين تقريب ۾ موجود هئا. ضلعي سينٽرل ۾ صفائي مهم جو افتتاح ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ سسٽم کان پوءِ صفائي جي صورتحال بهتر ٿي آهي. صفائي هڪ مسلسل عمل آهي. هفتيوار صفائي مهم جو مقصد سڀني ادارن کي بورڊ تي وٺي صفائي جي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ هوندو هن چيو ته ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ فواد غفار سومرو سٺو ڪم ڪري رهيو آهي. جڏهن ته سينٽرل ضلعي کان پوءِ، سڀني ضلعن ۾ ترتيب وار صفائي مهم شروع ڪئي ويندي. هن صفائي ڪندڙ ملازمن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته جيڪو شهر توهان صاف ڏسو ٿا اهو سڀ انهن جي محنت جي ڪري آهي.

بقايا *** 31

ار پوليس جي هٿ چڙهي ويو ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا موجب واقعي جو ڪيس ٽاٽي ڊاڪس ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي. پوليس ٽيڪنيڪل شاهدي ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان جوابدارن جي سڃاڻپ ڪئي، جنهن بعد هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدار وٽان 30 بور پسٽل، موٽرسائيڪل ۽ ڦريل رقم مان 3 لک رپيا هٿ ڪيا ويا آهن. ڊي آءِ جي سائوٿ موجب واردات ۾ ملوث ٻئي جوابدار جي گرفتاري لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا *** 32

ن اندر خليجي ملڪن ڏانهن ويندڙ ساموندي جهازن لاءِ آبنائي هرمز ٻيهر کولي سگهجي ٿو. هن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس کي واشنگٽن سان سفارتڪاري ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ "سونهري موقعو" قرار ڏنو. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ ايراني صدر مسعود پزشڪيان ٻئي نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن. فيبروري ۾ ٽرمپ پاران ايران خلاف "آپريشن ايپڪ فيوري" شروع ڪرڻ کان پوءِ اهو پهريون ڀيرو هوندو جڏهن ٻئي اڳواڻ هڪ ئي تقريب ۾ موجود هوندا. ايراني عهديدار چيو ته ايران جي وفد کي ڳالهين جي ڀهو ايراني عهديدار چيو "آمريڪا کي اعلان ڪرڻ گهرجي ته هو معاملو سفارتي طريقي سان حل ڪرڻ چاهي ٿو ان کي باضابطه بڻائي ۽ پوءِ ان ڳالهه تي اتفاق ڪري ته اهو عمل ڪهڙي وقت جي مرحليوار نظام تحت اڳتي وڌندو" هن چيو "گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي آمريڪا لاءِ سفارتڪاري ڏانهن واپس اچڻ جو هڪ سونهري موقعو آهي." عهديدار ٻڌايو ته ايران 16 سيپٽمبر تي ٽالٿين وسيلي پنهنجي تازي تجويز واشنگٽن ڏانهن موڪلي هئي. آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو اين بي سي جي پروگرام "ٽوڊي" ۾ چيو ته آمريڪا جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس دوران ايرانين سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهي، "خاص طور تي جيڪڏهن ان مان ڪنهن مثبت نتيجي جي اميد هجي ۽ آخرڪار اهو مقصد حاصل ٿي سگهي، جنهن لاءِ هي سمورو عمل شروع ڪيو ويو آهي."

بقايا *** 33

ڪ جي گرڊ اسٽيشن ۾ باهه لڳڻ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي معطل ٿي وئي چيف فائر آفيسر همايون خان صحافين سان ڳالهين ڪندي ٻڌايو ته بلوچ ڪالوني گرڊ اسٽيشن جي 3 پينلز ۾ باهه لڳي وئي هئي، پينلز جي مٿان فيول جا ٽينڪ هئا جڏهن اسان اتي پهتاسين ته شعلا 40/30 فٽ اوچا اٿي رهيا هئا. چيف فائر آفيسر همايون خان موجب باهه تي 8 فائر ٽينڊرز ۽ 2 واٽر باؤزرز جي مدد سان ڪنٽرول ڪيو ويو، باهه سبب ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو ڪولنگ جو عمل جاري آهي. علائقي جي رهواسن جو چوڻ آهي ته باهه لڳڻ سبب منظور ڪالوني، بلوچ ڪالوني، محمود آباد، پي اي سي ايچ ايس ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي آهي. اسسٽنٽ ڪمشنر فيروز آباد جويريه اقبال بلوچ ڪالوني گرڊ اسٽيشن جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته ڪي اليڪٽرڪ گرڊ اسٽيشن ۾ لڳل باهه تي ڪنٽرول ڪري ورتو آهي. فائر برگيڊ جو عملو واقعي واري هنڌ پهچي ويو آهي جنهن باهه کي وسائي ڇڏيو آهي. هن چيو ته باهه جي واقعي ۾ ڪنهن به قسم جو جاني نقصان ناهي ٿيو احتياط جي طور تي علائقي جي بجلي بند ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 34

ٿي. عدالت پراسيڪيوشن کي نوٽيس جاري ڪري ايندڙ ٻڌڻي تي دليل طلب ڪري ورتا. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صادق محمود خرم ۽ جسٽس جواد ظفر تي ٻڌل بئنچ جنيد حفيظ جي اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. ياد رهي ته جنيد حفيظ 2020ع ۾ ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي هئي، جيڪا لڳ ڀڳ 6 سالن تائين ٻڌڻي لاءِ نه اچي سگهي. سندس وڪيل سيف الملوڪ موجب، ان کان اڳ به اپيل ڪيترائي ڀيرا ٻڌڻي لاءِ مقرر ٿي، پر ان تي ٻڌڻي نه ٿي سگهي هئي. جنيد حفيظ جو ڪيس راجنپور سان تعلق رکندڙ جنيد حفيظ بهاءُ الدين زڪريا يونيورسٽي ملتان جي انگريزي شعبي ۾ وزٽنگ ليڪچرار طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي، جڏهن ته هن فل برائٽ اسڪالرشپ تحت آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم پڻ حاصل ڪئي. 2013ع ۾ سندس خلاف مذهبي دل آزاري وارا لفظ استعمال ڪرڻ ۽ سوشل ميڊيا تي مبينا طور اهڙا تبصرا ڪرڻ جي الزام ۾ توهين مذهب جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو سيڪيورٽي خدشن سبب ڪيس جي ٻڌڻي ملتان سينٽرل جيل ۾ ڪئي وئي. ڪيس دوران سندس وڪيل ۽ انساني حقن جي ڪارڪن راشد رحمان کي مئي 2014ع ۾ ملتان جي آفيس ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو. ڊسمبر 2019ع ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڪاشف قيوم جنيد حفيظ کي پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلمن 295_A، 295_B ۽ 295_C تحت ڏوهي قرار ڏيندي موت جي سزا، عمر قيد، 10 سال قيد ۽ 5 لک رپيا ڏنڊ جون سزائون ٻڌايون هيون. جنيد حفيظ ان فيصلي خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي هئي.

بقايا *** 35

ن مقرر ڪري ڇڏيون آهن. هاڻي ڪوڪنگ آئل ۽ گيهه ٺاهيندڙن کان مقرر ڪيل قيمت موجب ٽيڪس وصول ڪيو ويندو ايف بي آر پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، سيلز ٽيڪس ايڪٽ 1990ع تحت ملڪ اندر تيار ٿيندڙ نباتاتي ۽ حيواني چربي ۽ تيل، گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت مقرر ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب گهٽ ۾ گهٽ قيمت پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس (پي بي ايس) جي ويب سائيٽ تي جاري ٿيندڙ هفتيوار حساس قيمتن واري اشاري (ايس پي آءِ) تحت گذريل مهيني جي آخري هفتي جي سراسري قومي پرچون قيمت مان 25 رپيا في ڪلو گهٽائي مقرر ڪئي ويندي. تنهن هوندي به 25 رپيا في ڪلو جي اها رعايت رڳو انهن رجسٽرڊ ماڻهن کي حاصل هوندي، جيڪي ايف بي آر جي ڊجيٽل انوائسنگ ۽ پيداوار جي نگراني واري نظام سان ڳنڍيل هوندا. نوٽيفڪيشن تحت گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل جي برانڊن کي ٽن درجن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين درجي ۾ ڊالڊا، حبيب، صوفي، ميزان، سويا سپريم ۽ ايوا شامل آهن، جن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت سراسري قومي پرچون قيمت جي 100 سيڪڙو برابر هوندي. ٻئي درجي ۾ من پسند، حبيب هنڊي، سيزنز، ڪشمير، ڪوش، شاهه تاج، ڪسان، شفق ۽ سلطان شامل آهن، جن جي قيمت سراسري قيمت جي 93 سيڪڙو برابر هوندي، جڏهن ته ٽئين درجي ۾ ٻيا سمورا برانڊ شامل آهن، جن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت سراسري قيمت جي 85 سيڪڙو مقرر ڪئي وئي آهي. ايف بي آر موجب آگسٽ 2026ع لاءِ پي بي ايس پورٽل تي 26 جولاءِ 2026ع تي شايع ٿيل قيمتن جي بنياد تي سراسري قيمت 613 رپيا في ليٽر/ڪلو هئي. ان مان 25 رپيا گهٽائڻ ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ پرچون قيمت 588 رپيا في ڪلو مقرر ڪئي وئي. سيپٽمبر 2026ع لاءِ پهرين درجي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 588 رپيا، ٻئي درجي جي 547 رپيا، جڏهن ته ٽئين درجي جي 500 رپيا في ليٽر/ڪلو مقرر ڪئي وئي آهي. ايندڙ مهينن لاءِ پرچون قيمت جو تعين به ساڳئي طريقيڪار تحت ڪيو ويندو جيڪڏهن ڄاڻايل شين جي فراهمي مقرر ڪيل قيمت کان وڌيڪ اگهه تي ڪئي وئي ته سيلز ٽيڪس وڌيڪ قيمت تي وصول ڪيو ويندو ايف بي آر جو اهو نوٽيفڪيشن نومبر 2026ع جي ٽيڪس مدي تائين لاڳو رهندو

بقايا عوامي سوچ 01

ڪندي چيو ته قديمي قبرستان پير منل درگاهه تان وڻ مبينا طور وڍيا ويا آهن جڏهن ته هن وڌيڪ چيو ته جيڪا وڻن جي غير قانوني واڍي ڪئي وئي آهي ان ۾ اسان جي ڳوٺ جا عبدالباسط سولنگي صبيع الرحمان عرف گبري سولنگي ڪئي آهي وڻ ڪپائي هنن پنهنجو الو سڌو ڪيو آهي ۽ پنهنجي لاءِ وڻن جي پيسن مان گاڏيون ورتيون آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي جڏهن ته مقام جا وڻ اثاثو آهن. هن ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پريا ڪان ڪان مطالبو ڪيو ته مبينا طور وڻ وڍيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 02

ٿيون.سروٽا ۽ ڏنڊا لڳڻ سبب ٻن عورتن سميت 4 ڄڻا زخمي.اسپتال منتقل تفصيل موجب روهڙي جي علائقي سخي دين پناهه پرسان ڊي ايس پي آفيس لڳ رهندڙ ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺين.ڏنڊن ۽ سروٽن جي آزاداڻي استعمال جي نتيجي ۾ مسمات سيما. مسمات شهناز.سجاد ميراڻي.عابد ميراڻي سخت زخمي ٿي پيا پوليس موجب زخمين کي فوري طور تي تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جڏهن ته زخمي نوجوان سجاد ميراڻي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڪيس سکر اسپتال ريفر ڪيو ويو اطلاع ملڻ تي پوليس بروقت پهچي صورتحال کي ڪنٽرول ڪري ورتو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 03

شادي شده ناري روبينه زال ڪيول ڪولهي لاش هٿ فوتڻ ناري جي پيءُ ۽ چاچي پاران مڙس ڪيول ڪولهي سميت سهراڻي گهر تي مارڻ جو الزام ان سلسلي ۾ فوتي ناري جي پي موهن ڪولهي چاچي پانچو ڪولهي ۽ ڀاءُ نٿو ڪولهي ٻڌايو ته اسانجي ڇوڪري تي اڳ ۾ تشدد ڪيو ويندو هو اڄ ڪيس هٿ سان ماريو ويو آهي هوڏانهن فوتڻ جي سهري وشنو ڪولهي ٻڌايو ته منهنجي نهن خودڪشي ڪئي آهي گهر ۾ اهڙي ڪا ڳالهه نه هئي هن گهر اندر ڦاهو ڪائي آپگهات ڪيو اهي قتل جا ڪوڙا الزام هنيا پيا وڃن فوتڻ جو لاش تعلقي اسپتال ٽنڊوغلام حيدر آندو ويو آهي پوليس موجب پوسٽ مارٽم بعد خبر پوندي ته واقعو آپگهات آهي يا قتل معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 04

جڏهن ته اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ وقت به وقت ڪرڻ سبب معصوم شاگردن ۽ استادن جي جانين کي سخت خطرو لاحق آهي. اسڪول جي استادن ۽ ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي چيو ته اسڪول جي عمارت ڪافي عرصي کان مرمت طلب آهي. ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ معمول بڻجي ويا آهن. جنهن سبب ٻارن کي خوف واري ماحول ۾ تعليم حاصل ڪرڻي پوي ٿي. استادن جو چوڻ آهي ته تعليم کاتي جا آفيسر ڪيترائي ڀيرا اسڪول جا دورا ڪري صورتحال جو جائزو وٺي چڪا آهن. جڏهن ته اسڪول جي عمارت جي حالت بابت ڪيترائي ڀيرا درخواستون پڻ ڏنيون ويون آهن. پر اڃا تائين عملي طور تي ڪو به قدم نه کنيو ويو آهي. استادن ۽ ڳوٺاڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول محب خان رند جي زبون حال عمارت جي نئين سر تعمير ڪرائي. شاگردن ۽ استادن کي محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪيو وڃي. جيئن علائقي ۾ تعليم جو سلسلو بهتر نموني جاري رهي سگهي. استادن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن خدانخواسته اسڪول جي زبون حال عمارت سبب ڪو جاني نقصان ٿيو ته ان جي ذميواري تعليم کاتي جي لاڳاپيل اختيارين ۽ اعليٰ آفيسرن تي عائد ٿيندي. اسڪول جي استادن ۽ ڳوٺاڻن تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ سيڪريٽري تعليم کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي اسڪول جي عمارت جي نئين سر تعمير لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 05

اين آءِ ڊيز پوليو مهم تحت فيلڊ سرگرمين جو جائزو ورتو. يونيسف جو ٽيم ليڊ ڊاڪٽر جارج ڪاراوٽا پڻ ڊپٽي ڪمشنر سان گڏ هو. ڊپٽي ڪمشنر مختلف هنڌن تي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري سرگرمين. ڪوريج. پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي ۽ مهم جي مجموعي اڳڀرائي جو جائزو ورتو. هن لاڳاپيل آفيسرن ۽ پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي ته پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر اهل ٻار تائين رسائي يقيني بڻائي ڪيس پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا وڃن. هن فيلڊ مانيٽرنگ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ گهرن تي موجود نه ملندڙ يا رهجي ويل ٻارن جي بروقت نشاندهي ڪري انهن جي فالو اپ تي پڻ زور ڏنو. يونيسف جي ٽيم ليڊ ڊاڪٽر جارج ڪاراوٽا پڻ فيلڊ سرگرمين جو جائزو ورتو ۽ مهم تي اثرائتي نموني عملدرآمد لاءِ ضلعي انتظاميا. صحت کاتي ۽ فرنٽ لائن پوليو ورڪرن جي مسلسل ڪوشش کي ساراهيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته مهم دوران ڪو به اهل ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم نه رهڻ گهرجي. هن سمورن لاڳاپيل کاتن ۽ ٽيمن کي هدايت ڪئي ته گڏيل رابطي کي مضبوط رکيو وڃي. معياري ۽ مڪمل ويڪسينيشن ڪوريج يقيني بڻائي وڃي. مانيٽرنگ کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي ۽ رهجي ويل ٻارن جي بروقت نشاندهي ڪري فالو اپ ذريعي ڪين پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا وڃن

بقايا عوامي سوچ 06

ڪندي سنڌس خلاف ڪاروائي جو مطالبو ڪريون ٿا. (ماءُ مسمات ماروي ۽ ڀائر صالح محمد . رسول بخش ۽ سڪندر ملاح) سجاول ويجهو ڳوٺ ڪئوڙو ملاح جي رهواسين مسمات ماروي ۽ ڀائر صالح محمد ملاح . رسول بخش . سڪندر ملاح ۽ ٻين هٿن ۾ فوٽو ۽ لکيل پوسٽون کڻي پريس ڪلب پهتا سجاول ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته علي محمد ملاح سوشل ميڊيا تي سنڌس والده ۽ ڀائرن خلاف نازيبا گٽا ۽ ڪوڙا لفظ لکي پنهنجي ماءُ ڀائرن ۽ برادريءَ جي ماڻهن جي دل آزاري ڪئي آهي هنن الزام هڻندي چيو ته علي محمد ملاح اڪثر ڪري برادريءَ سميت مختلف ماڻهن سان پئسن جي معاملي ۾ دوڪا ڪندو رهندو آهي ۽ اسان کي علي محمد ملاح خلاف روزانو شڪايتون ملن ٿيون هنن چيو ته اسان بار بار سمجهايو آهي پر هو اهڙي حرڪتن کان باز نٿو اچي جنهنڪري علي محمد ملاح اسان کي ڪنهن وڏي مصيبت ۾ ڦاسائي سگهي ٿو هنن چيو ته هن جي نافرماني گٽا لفظ لکڻ ۽ عام ماڻهن کان ملندڙ شڪايتن جي ڪري اسين علي محمد ملاح کان لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا ۽ SSP سجاول سميت اعليٰ عملدارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته ماءُ لاءِ گٽا لفظ لکندڙ نافرمان پٽ خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي

بقايا عوامي سوچ 07

ي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي جنهن ۾ چوهڙ جمالي ستي جي رهواسي نويد ميراڻي غلام نبي خاصخيلي ۽ زاهد خاصخيلي شامل آهن انهي سلسلي ۾ ايس ايس پي سجاول جي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن کان پڇا ڳاڇا دوران انڪشاف ٿيو آهي ته انهن ٽي ڏينهن اڳ شاهه يقيق روڊ تي مسافر بس کي روڪي ڦرلٽ ڪئي ۽ جوابدارن مبينا طور مسافرن کان موبائل فون. شناختي ڪارڊ ۽ ٻيو سامان ڦرڻ جو اعتراف پڻ ڪيو آهي گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ غلام نبي خاصخيلي. نويد ميراڻي ۽ زاهد خاصخيلي طور تي آهي توڙي جوابدارن جي قبضي مان 3 ٽي ٽي پسٽل ميگزين سميت. هڪ موٽر سائيڪل پڻ هٿ ڪيا ويا آهن.ٻئي طرف مقابلي دوران زخمي ٿيل ٽنهي جوابدارن کي علاج لاءِ رات دير سان رورل هيلٿ سينٽر چوهڙ جمالي منتقل ڪيو ويو فرار ٿيل ٻن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ٽارگيٽڊ آپريشن جاري آهي. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. جنهن دوران علائقي ۾ ٿيل ٻين وارداتن بابت پڻ اهم ڄاڻ سامهون اچڻ جو امڪان آهي.

بقايا عوامي سوچ 08

لڳي وئي. باهه لڳڻ ڪانپوءِ ترڪ جي مٿان ويٺل ڪجهه ماڻهن جان بچائڻ لاءِ ترڪ تان ٽپو ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. علائقي واسين موجب ڪجهه ڏينهن اڳ پڻ 103 موري. ڳوٺ عيسا پنهور ۾ بجلي جي تار سبب افسوسناڪ واقعو پيش آيو هو. جنهن ۾ ڇهه انساني جانيون ضايع ٿيون هيون. مسلسل اهڙن واقعن سبب علائقي واسين ۾ سخت ڳڻتي ۽ خوف پکڙيل آهي. علائقي واسين لاڳاپيل اختيارين ۽ بجلي جي ڪاتي جي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته لڙنڌڙ ۽ خطرناڪ بجلي جون تارون فوري طور درست ۽ محفوظ ڪيون وڃن. جيئن مستقبل ۾ اهڙا حادثا روڪي سگهجن ۽ وڌيڪ انساني جانيون زايا نه ٿين

بقايا عوامي سوچ 09

ن جي ذيلي تنظيمن ليڊيز ونگ سميت مختلف يوسين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ورڪرن جيالن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي اڳوڻي پ پ تعلقه جوهي جي سابق صدر عبدالمجيد جمالي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي مڪمل اعتماد آهي سنڌ آهي ته پيپلزپارٽي آهي سياسي مخالف هميشه جيان هن دفعي به مايوس ٿي رهندا ۽ پيپلزپارٽي هميشه جيان سوپ ماڻيندي هن چيو ته پ پ هميشه جمهوريت جي پاسداري ۽ ملڪ جي پيرين اگهاڙن پورهيتن جي حقن جي ڳالهه ۽ انهن کي روزگار فراهم ڪيو آهي سنڌ کي انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ جي مخالفت سڀ کان پهرين سنڌ اسيمبلي مان بل پاس ڪيو ويو تقريب کي پ پ ليڊيز ونگ ضلع دادو جنرل سيڪريٽري ميڊم عذرا ميمڻ. مير مرتضي جمالي.دلدار مستوئي .جاني جسڪاڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 10

گهر ۾ هٿيارن جي زور تي مبينا ڌاڙو هنيو ويو. جنهن دوران ڦورن قيمتي سامان ۽ روڪ رقم ڦري ورتي. روشن ڪولهي موجب واردات ۾ ملوث مبينا جوابدارن جي سڃاڻپ پڻ ٿي چڪي آهي. هن الزام لڳايو ته واردات جو مک مبينا جوابدار وڪو ڪولهي ڦريل سامان ۽ رقم واپس ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. پر هاڻي هو پنهنجي واعدي تان ڦري ويو آهي ۽ ڪين مبينا طور جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. روشن ڪولهي ۽ سنڌس گهرواري ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي مبينا جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ڦريل رقم ۽ سامان واپس ڪرائي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ ميرپورخاص سيد امداد علي شاهه پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ميرپورخاص ۾ سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن جي رڪيل پگهارن. پينشن. جي پي فنڊ. مالي سهائتا ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر نثار احمد ڪوکر سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. کليل ڪچهري ۾ تعليم. زراعت. واٽر مينيجمينٽ ۽ ٻين ڪاتن سان لاڳاپيل ملازمن ۽ پينشنرن شرڪت ڪري پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪيون. تعليم ڪاتي پاران بيواهه کي سروس بڪ جاري نه ڪرڻ. تعليم ڪاتي جي ملازمن پاران ملازمن جي رهيل پينشن ۽ پينشن ريسٽوريشن جي رقم جي عدم ادائيگي. پينشن مان ڪٽوتي ۽ ٽائيم اسڪيل جي روڪيل رقم جي ادائيگي نه ٿيڻ بابت شڪايتون پيش ڪيون ويون. انهيءَ سان گڏ زراعت ڪاتي ۽ واٽر مينيجمينٽ جي ملازمن پاران پگهارن جي دير سان ادائيگي سميت ٻين مسئلن بابت شڪايتون پيش ڪيون ويون. جڏهن ته ٻين سائلين پڻ پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون ريجنل ڊائريڪٽر آڏو پيش ڪيا. ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ سيد امداد علي شاهه سائلين جون شڪايتون غور سان ٻڌيون ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پيش ڪيل معاملن جو جائزو وٺي قانون ۽ ضابطن موجب ضروري قدم کنيا وڃن. ان موقعي تي سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن علائقائي ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ پاران کليل ڪچهري منعقد ڪرڻ واري عمل کي ساراهيندي چيو ته اهڙي عمل سان کين پنهنجا مسئلا سڌي ريت لاڳاپيل اختيارين آڏو پيش ڪرڻ جو موقعو مليو.

بقايا عوامي سوچ 12

وٽ خلاف شاگردياڻين ۽ استادن احتجاج ڪيو. تفصيل موجب. هيڊ مسٽريس گلناز جوکيو جي اڳواڻي ۾ شاگردياڻين ۽ استادن اسڪول کان مين پوليس چوڪي تائين ريلي ڪڍي ۽ مين اسٽاپ تي ڌرڻو هنيو. احتجاج دوران شاگردياڻين ۽ استادن بجلي جي بحالي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ نعريبازي ڪئي. مظاهرين جو چوڻ هو ته سخت گرمي باوجود گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ بجلي جي سهولت موجود ناهي. جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي جي به کوٽ آهي. جنهن سبب شاگردياڻين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مظاهرين موجب بجلي جي ڊگهي بندش سبب تعليمي سرگرميون پڻ متاثر ٿي رهيون آهن ۽ سخت گرمي ۾ شاگردياڻين لاءِ ڪلاس وٺڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. شاگردياڻين ۽ استادن مطالبو ڪيو ته گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ بجلي جي فراهمي فوري طور بحال ڪئي وڃي ۽ پيئڻ جي پاڻي جو مناسب ۽ مستقل انتظام يقيني بڻايو وڃي. احتجاج ڪندڙ شاگردياڻين ۽ استادن سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ۽ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ بجلي. پاڻي سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 13

ڙي مسمات صغر ڌيءُ مير محمد ماجريو ملاح پنهنجي مرضي سان ساڳئي ڳوٺ جي رهواسي شبير احمد ولد محمد قاسم ماجريو ملاح سان شادي ڪرڻ بعد سنڌس وارث سنڌس جان جا دشمن بڻجي ويا. جن پاران گذريل رات دير سان سنڌس گهرن تي ڪاهه ڪري فائرنگ ڪري ڏهڪاءُ پکيڙڻ بعد ٻن نياڻين کي مبينا طور اغوا ڪرڻ سميت هڪ عورت کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا. حد جي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس ڪا به ڪاروائي ڪري ناهي سگهي. جڏهن ته زخمي عورت کي ورشهر جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. جتي سنڌس علاج جاري اهي. ان سلسلي ۾ ٿيل حملي ۾ زخمي ٿيل عورت زاهد زال عزيزالله ٻڌايو ته هڪ هفتو اڳ مسمات صغر ڌيءُ مير محمد ماجريو ملاح پنهنجي مرضي سان شبير احمد ولد محمد قاسم ماجريو ملاح سان شادي ڪئي هئي. جنهن بعد صغر جي والد. ڀائرن. چاچن ۽ ٻين عزيزن گڏجي گذريل رات اسانجي گهرن تي ڪاهه ڪري هوائي فائرنگ ڪري ڳوٺ ۾ ڏهڪاءُ پکيڙڻ بعد حملو ڪري مون کي زخمي ڪرڻ سميت اسانجون 2 نوجوان نياڻيون جن ۾ پروين ڌيءُ جمن ۽ شارو ڌيءُ محمد موسي کي مبينا طور اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪري اسان سخت پريشان آهيون. مسمات زاهد چيو ته سندن اغوا ٿيل ٻنهي نياڻين کي پڻ جاني نقصان جو خطرو اهي. هن چيو ته ساڻن ٿيل هيتري ناانصافي باجود حد جي پوليس نه رپورٽ تي داخل ڪري ۽ نه ئي مبينا اغوا ٿي ويل نياڻين جي ڳولا توڙي بازيابي ۾ ڪا مدد ٿي ڪري ۽ نه ئي بااثر ماڻهن خلاف ڪا ڪاروائي ٿي ڪري جنهن ڪري هو سخت پريشان آهن. هن گهر ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري سندن مبينا طور اغوا ٿيل ٻنهي نياڻين کي بازياب ڪرائي سندن گهرن تي چڙهائي ڪري حملو ڪري ڪيس زخمي ڪرڻ بعد سندن نياڻين کي مبينا اغوا ڪندڙن کي گرفتار ڪري پنهنجي مرضي سان شادي ڪندڙ سندن نياڻي صغر ۽ سنڌس مڙس شبير احمد کي تحفظ مهيا ڪري ڪين بلاجواز پريشان ڪندڙ بااثر ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين جيئڻ جو حق ڏنو وڃي. ٻئي طرف صحافين سان ڳالهائيندي پنهنجي مرضي سان شادي ڪندڙ مسمات صغره مانجريو ملاح چيو ته هن هڪ هفتو اڳ اڳ پنهنجي مرضي سان شبير احمد ماجريو ملاح سان شريعت محمدي موجب حق نڪاح ڪيو اهي. جنهن سان هوءِ خوش زندگي پئي گذاري. پر سنڌس مائٽ جن ۾ مير محمد. علو. خدابخش. امين. رضو. اگاريو. محرم. آچار. اسماعيل. غازي عرف قادرو ماجريو ملاح ۽ ٻيا شامل آهن. جيڪي سندن جان جا دشمن بڻجي ويا آهن. جن منهنجي مِڙس جي ٻن نوجوان نياڻين ڀائيٽين کي مبينا طور اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو اهي. جيڪا ساڻن وڏي ناانصافي آهي. هن پڻ وس وارن کان گهر ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري ڪين تحفظ مهيا b ڪرڻ سميت ڪين موتمار ڌمڪيون ڏيئي ٻن نوجوان نياڻين کي اغوا ڪري هڪ عورت کي زخمي ڪندڙ سمورن حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

حسين چانڊيو جي صدارت هيٺ ايس ايس پي آفيس ٺٽو ۾ ضلعي جي سمورن ايس ڊي پي اوز. ايس ايڇ اوز. انچارج سي آءِ اي ٺٽو. انچارج پوليس پوسٽن. انچارج 15 مددگار بيس ٺٽو ۽ هيڊ آف برانچز سان اهم ڪرائم ميٽنگ منعقد ڪئي وئي. ميٽنگ دوران ضلعي اندر مجموعي امن امان جي صورتحال. رپورٽ ٿيل ۽ غير رپورٽ ٿيل ڏوهن. پوليس جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ جاري ڪارروائين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو آءِ جي پي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق خان ڌاريجو جي حڪمن جي روشني ۾ آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته ضلعي اندر ڏوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪارروائين کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي. جڏهن ته لسٽ ٿيل ۽ قتل جي ڪيسن ۾ اشتهاري ۽ انعام يافته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون تيز ڪيون وڃن. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ ملوث اشتهاري. روپوش ۽ گهربل جوابدارن خلاف بنا دير ۽ مضبوط ڪاررروائي ڪئي وڃي. ته جيئن قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائي سگهجي. ان کان علاوه اسپيشل برانچ پاران تيار ڪيل منشيات فروشن جي ڪيٽيگري وار فهرستن (A+). A. B. C) جي روشني ۾ مربوط حڪمت عملي تحت سڄي ضلعي ۾ ڪاررروائين کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. خاص طور تي تعليمي ادارن ۽ انهن جي آسپاس منشيات فروشن خلاف بنا فرق سخت ڪاررروائي ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. ايس ايس پي ٺٽو پوليس پيٽرولنگ ۽ پڪٽنگ جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ ڊيوٽي دوران سموري عملي کي هاءِ الرٽ رهڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون. هن هدايت ڪئي ته ڏوهاري عنصرن خلاف روزاني بنياد تي سرچنگ ۽ ڪومبنگ آپريشنز کي يقيني بڻايو وڃي. ان کان علاوه ٿاڻن تي ايندڙ سائلين سان خوش اخلاقي سان پيش اچي سندن مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن. آخر ۾ ايس ايس پي ٺٽو واضح ڪيو ته بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽن ۽ نقد انعامن سان نوازيو ويندو. جڏهن ته غفلت يا ناقص ڪارڪردگي جا مرتڪب اهلڪارن خلاف سخت ڪاتي واري ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 15

ي تي پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه صدر گهوڙاٻاري محمد رمضان پنهور جي صدارت ۾ وڏي جوش و خروش سان ملهائي وئي سالگرهه تقريب ۾ چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور خصوصي شرڪت ڪئي تقريب ۾ پي پي تعلقه سينئر نائب صدر گهوڙاٻاري محمد اسلم خشڪ. اطلاعات سيڪريٽري گهوڙاٻاري غلام نبي شيخ. وائيس چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري ممتاز علي شورو. علي نواز لاکو سميت پيپلزپارٽي تعلقه عهديدارن. ذيلي تنظيمن جي تعلقه عهديدارن. بلدياتي نمائندن. معززين ۽ پارٽي ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري صاحب جي دراز عمرءِ صحت لاءِ دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 16

جي مذمت نوري آباد ڪوهستان ۾ ناياب ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ پکين جي مبينا غيرقانوني شڪار جي رپورٽنگ دوران صحافي سارنگ پالاري تي مبينا تشدد. موبائيل فون ۽ صحافتي لوگو کسي ڌمڪيون ڏيڻ واري واقعي تي ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽي جي عهديدارن ۽ صحافتي برادري پاران سخت تشويش ۽ مذمت جو اظهار ڪيو ويو آهي. نوري آباد پريس ڪلب جي ميمبر ۽ صحافي سارنگ پالاري پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن پاران ناياب ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ پکين جي غيرقانوني شڪار جي روڪٿام لاءِ حيدرآباد ڊويزن جي لاڳاپيل علائقن ۾ 90 ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. جنهن باوجود نوري آباد ڪوهستان جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور جار لڳائي ناياب پکين جو شڪار جاري آهي. هن چيو ته شڪار جي رپورٽنگ ۽ ڪوريج ڪرڻ دوران مبينا طور ڪجهه شڪارين ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو. سندس موبائيل فون ۽ صحافتي لوگو کسي ورتو ۽ سنگين ڌمڪيون پڻ ڏنيون. سارنگ پالاري موجب ڪيس مبينا طور ناظم جوکيو واري واقعي جهڙيون ڌمڪيون ڏنيون ويون. جنهن سبب ڪيس پنهنجي جان بابت خدشا آهن. هن سنڌ حڪومت. ضلعي انتظاميا. پوليس ۽ لاڳاپيل جهنگلي جيوت ڪاتي کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ڪيس ۽ سنڌس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. جڏهن ته مبينا طور واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هوڏانهن ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽي جي اڳواڻن پنهنجي مذمتي بيان ۾ چيو آهي ته صحافي سارنگ پالاري تي مبينا تشدد. صحافتي سامان کسي ڪيس حراسان ڪرڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي. هنن چيو ته صحافي عوامي مسئلن. ماحولياتي نقصان. جهنگلي جيوت جي تحفظ ۽ غيرقانوني شڪار جهڙن اهم معاملن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيشوراڻي ذميواريون نڀائين ٿا. تنهن ڪري ڪين رپورٽنگ کان روڪڻ يا حراسان ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. ايوان صحافت پريس ڪلب جي عهديدارن صحافتي تنظيمن کان مطالبو ڪيو ته صحافي سارنگ پالاري تي مبينا تشدد واري واقعي جي شفاف. غيرجانبدار ۽ فوري جاچ ڪرائي ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن ته متاثر صحافي کي صحافتي ذميواريون نڀائڻ دوران مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي. ايوانِ صحافت جي اڳواڻن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته نوري آباد ڪوهستان سميت حيدرآباد ڊويزن جي انهن علائقن ۾. جتي ناياب ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ پکين جي شڪار خلاف قلم 144 لاڳو آهي. ان تي اثرائتي نموني عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. هنن چيو ته پکين جي شڪار لاءِ لڳايل مبينا غيرقانوني چار فوري طور ختم ڪرايا وڃن ۽ جهنگلي جيوت ڪاتو. پوليس ۽ ضلعي انتظاميا گڏيل ڪارروائي ڪري ناياب پکين جي تحفظ کي يقيني بڻائين. صحافتي برادري واضح ڪيو ته ماحولياتي تحفظ ۽ جهنگلي جيوت جي غيرقانوني شڪار خلاف آواز اٿاريندڙ صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي. تنهن ڪري اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ عملي قدم کڻڻ ضروري آهن.

بقايا عوامي سوچ 17

و مطالبو ميرپورخاص :ضلعي ٽنڊوالهيار جي مسڻ شهر پرسان ڳوٺ حاجي نبي خان ميئو جي رهواسي روشن ڪولهي پنهنجي گهرواري سنيتا ڪولهي سان گڏ ميرپورخاص پهچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ سندن گهر ۾ هٿيارن جي زور تي ڪانو ولد رامجي ڪولهي ۽ 2 نامعلوم هٿيارٻندن ڌاڙو هنيو. جنهن دوران قيمتي سامان ۽ روڪ رقم ڦرڪري فرار ٿي ويا بعد ۾ واردات ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ٿي وئي. هن الزام لڳائيندي چيو ته واردات جو مک جوابدار ڪانو ڪولهي ۽ بااثر زميندار حاجي صديق سميجو راجوٽي ذريعي ڦريل سامان ۽ رقم واپس ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. پر هاڻي هو پنهنجي واعدي تان ڦري ويا آهن جوابدار ڪانو ڪولهي ڪين مبينا طور جان سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. روشن ڪولهي ۽ سنڌس گهرواري ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ڦريل رقم ۽ سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

ارجي ويا ٻن عورتن سميت ٻنهي ڌرين جا 8 ماڻهون زخمي ٻنهي ڌرين ۾ چڪتاڻ برقرار گهرو وزير ضياءَ لنجار آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر واقعي جو نوٽس وٺي ڇڏيو ايس ايس پي گهوٽڪي کان رپورٽ طلب تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو ٻاگو ڊهو جي علائقي ڳوٺ ڪيهر مرڪانس ۾ مرڪانس برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب هڪ ڌرجا ٻه ماڻهون ۽ ٻي ڌر جو هڪ ماڻهون سميت ٽي ڄڻا ماسٽر بلاول مرڪانس وقار مرڪانس ۽ مختيار علي موقعي تي ئي دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته ٻن عورتن سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا اهڙي واقعي بعد بيلو ميرپور پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتين ۽ زخمين جا لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪري ڇڏيو جتان ضروري ڪارروائي بعد فوتين جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ٻي پاسي زخمين جو علاج هلندڙ اهي جن مان ٻن ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي هوڏانهن اهڙي واقعي جو گهرو وزير ضياءَ لنجار آءَ سنڌ ڊي اءِ جي سکر نوٽس وٺندي ايس ايس پي گهوٽڪي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا عوامي سوچ 19

ر. ٽي ٽي پستول. موٽر سائيڪل. موبائيل فون ۽ مسافرن جا ڦر ڪيل سڃاڻپ ڪارڊ هٿ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدارن جي سڃاڻپ غلام نبي خاصخيلي. نويد ميراڻي. زاهد خاصخيلي جي نالن سان ٿي آهي. جوابدارن جي قبضي مان ٽي عدد ٽي ٽي پستول ميگزين سميت. هڪ موٽر سائيڪل. موبائيل فون ۽ مسافرن جا سڃاڻپ ڪارڊ هٿ ڪيا ويا آهن. شروعاتي جاچ دوران جوابدارن انڪشاف ڪيو ته ٽي ڏينهن اڳ شاهه عقيق روڊ تي مسافر بس غلام قادر بروهي JA8850 ۾ ٿيل ڦر جي واردات هنن پنهنجي مفرور ساٿين سان گڏجي ڪئي هئي. هٿ آيل موبائيل فون ۽ سڃاڻپ ڪارڊ پڻ انهي واردات ۾ متاثر مسافرن جا آهن. گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته سندن اڳوٽو ڏوهاري رڪارڊ ضلع سجاول سميت ٻين ضلعن ۽ مختلف ٿاڻن کان معلوم ڪيو پيو وڃي: پوليس فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ٽارگيٽيڊ آپريشن ۽ ڇاپا هڻڻ جون ڪاروايون جاري آهن: پوليس`

بقايا عوامي سوچ 20

ي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد مختلف علائقن جو دورو ڪري پوليو مهم جي ڪارڪردگي. ٽيمن جي حاضري ۽ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري عمل جو جائزو ورتو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد. ڏهرڪي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو. جتي هن پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ سان گڏ خانه بدوش خاندانن جي جهوپڙين ۾ پهچي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ بابت معلومات حاصل ڪئي ۽ ٽيمن جي رڪارڊ جي پڻ چڪاس ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي ته مهم دوران ضلعَي جي هر ٻار تائين پهچ يقيني بڻائي. پوليو جا ڦڙا پيارڻ سان گڏ فنگر مارڪنگ پڻ لازمي طور مڪمل ڪئي وڃي. جڏهن ته ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن اين اسٽاپ آفيسر کي هدايت ڪئي ته ضلعي جي مختلف علائقن ۾ جاري پوليو مهم جي مؤثر ۽ مسلسل نگراني ڪئي وڃي ۽ خاص طور تي انهن علائقن تي ڌيان ڏنو وڃي. جتي ٻارڙن تائين پهچڻ مشڪل هجي. جيئن ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم نه رهي. دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد پوليو ٽيمن ۽ خانه بدوش ٻارڙن ۾ پاڻي ۽ جوس پڻ ورهايو ۽ پوليو مهم ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن جي خدمتن کي ساراهيو.

بقايا عوامي سوچ 21

جي مستقبل بابت شهرين ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي. جڏهن ته سنوڪر دڪانن تي جهيڙا پڻ معمول بڻيل آهن. شهرين پوليس جي مبينا خاموشي تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. دادو مورو روڊ تي قائم سنوڪر جي دڪان تي دڪان جي مالڪ مير جمالي مبينا طور پنهنجي 16 ورهين جي ملازم ۽ شاگرد سني سولنگي کي سنوڪر جي اسٽڪ سان سخت تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو. واقعي ڪانپوءِ زخمي شاگرد جي معاملي بابت اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي. پر متاثر ڌر جو چوڻ آهي ته پوليس پاران مبينا جوابدار کي اڃا تائين گرفتار ناهي ڪيو ويو. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي عمر وارن شاگردن کي سنوڪر ڪلبن ۽ مبينا جوا کان پري رکڻ لاءِ اثرائتيون ڪاررروائيون ڪيون وڃن ۽ شاگرد کي مبينا طور زخمي ڪندڙ دڪان مالڪ خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري متاثر شاگرد کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 22

ملاقات اقبال حسين چنا جو گهر هميشه سنڌ جي درد رکندڙ ماڻهن لاءِ کليل رهيو آهي. ڪراچي جهڙي پيڙياڙ ۽ بوسٽ جهڙي ماحول ۾ هو هميشه سنڌ جي ڪريم کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري. سنڌ جي مستقبل. تعليم. ٻولي ۽ ڪراچي ۾ پنهنجي ماڻهن جي مالڪي جي ڳالهه ڪندو آهي..بشير خاصخيلي. هن موقعي تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪندڙن چيو ته جڏهن قومون پنهنجي نسل کي وساري ويهنديون آهن ته اقبال حسين چنا جهڙا ماڻهو ايندڙ نسل لاءِ رستو ڏيکاريندڙ ڏيئا بڻجي ويندا آهن. هو صرف ملاقات نه ڪندا آهن. هو سوچ گڏيندا آهن ۽ تحريڪ جوڙيندا آهن ڪچهري دوران زور ڏنو ويو ته ڪراچي ۾ سنڌين کي پنهنجي شناخت. حقن ۽ عزت لاءِ متحد ٿيڻو پوندو. تعليم کي عام ڪرڻو پوندو ۽ نوجوانن کي اهڙو ماحول ڏيڻو پوندو جنهن ۾ هو پنهنجي مٽيءَ جي خدمت جو جذبو رکن. سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ پڻ اوڍايا ان موقعي تي اقبال حسين چنا چيو ته اسان جو مقصد صرف ڳالهائڻ نه آهي. اسان جو مقصد ڪم ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اڄ اسين پنهنجي ٻارن لاءِ عزت. علم ۽ اتحاد جو ماحول نه ٺاهينداسين ته سڀاڻي اسان وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهه به نه بچندو. ڪراچي اسان جو آهي ۽ ان کي اسان ئي سنوارڻو آهي. ملاقات جي آخر ۾ دعا ڪئي وئي ته الله تعاليٰ سنڌ کي دشمن جي نظر کان بچائي ۽ سنڌ جي خادمن کي وڌيڪ طاقت ڏئي ان موقعي تي احمد علي راهوجو صاحب مدد علي کوکر سيد حزب الله شاهه مدد علي کوکر استاد ارشاد سومرو ڀاءِ اعجاز سامٽيو ڊاڪٽر مظهر ميمڻ ڊاڪٽر الطاف ميمڻ پ پ اڳواڻ حسين بخش ناريجو ديدار ابڙو ڀاءِ فيض ابڙو سوشل ورڪر ڪامريڊ وقار علي وگڻ ۽ صحافي غلام مرتضيٰ ڪيريو سميت ٻيا دوست پڻ وڏي انگ ۾ موجود هيا

بقايا عوامي سوچ 23

ڻ ڪانپوءِ اوچتو باهه جي لپيٽ ۾ اچي وئي باهه ايتري شدت سان پکڙجي وئي جو ٽرڪ پلال سميت مڪمل طور سڙي رک ٿي وئي جڏهن ته خوشقسمتي سان ڪنهن به انساني جاني نقصان جي اطلاع ناهي واقعي ڪانپوءِ علائقي جا رهواسي وڏي انگ ۾ پهچي ويا ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت بالٽين ۽ ٽانون ذريعي باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر باهه تي ضابطو نه اچي سگهيو بعد ۾ فائر برگيڊ عملي واقعي واري هنڌ پهچي باهه تي ضابطو آندو علائقي واسين جو چوڻ آهي ته بجلي جون تارون ڪافي عرصي کان پراڻيون ۽ هيٺ لٽڪيل آهن جنهن بابت حيسڪو انتظاميا کي ڪيترائي ڀيرا شڪايتون پڻ ڪيون ويون پر ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو جنهن سبب بار بار اهڙا خطرناڪ واقعا جنم وٺي رهيا آهن علائقي واسين جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پير جو ڳوٺ پرسان به بجلي جي تارن سان ٽريڪٽر ٽرالي ٽڪرائجڻ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو هو جنهن ۾ 6 ڄڻا فوت ۽ 15 زخمي ٿيا هئا ان واقعي ڪانپوءِ به حيسڪو انتظاميا مبينا طور تي بجلي جي هيٺ لٽڪيل تارن جو مسئلو حل نه ڪيو جنهن جو نتيجو هڪ ٻئي حادثي جي صورت ۾ سامهون آيو سندن چوڻ هو ته الله پاڪ جي ڪرم سان هن ڀيري انساني جانيون محفوظ رهيون پر هزارين رپين جو نقصان ٿيو آهي ياد رهي ته بجلي جون هيٺ لٽڪيل تارون ڪنهن به وقت ڪنهن وڏي سانحي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون علائقي جي ماڻهن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته علائقي ۾ بجلي جي تارن ۽ ٿنين جي صورتحال جو فوري جائزو وٺي مستقل بنيادن تي مسئلو حل ڪيو وڃي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته بجلي جون خطرناڪ ۽ هيٺ لٽڪيل تارون عوام جي زندگين لاءِ وڏو خطرو آهن علائقي واسين چيو ته اهڙين شڪايتن کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي ۽ حيسڪو اختيارين کي گهرجي ته فوري طور تي خراب ۽ هيٺ لٽڪيل تارون تبديل ڪري بجلي جي نظام کي محفوظ بڻايو وڃي جيئن مستقبل ۾ انساني جانيون ۽ ملڪيتون محفوظ رهي سگهن علائقي واسين وزير اعلٰ سنڌ ۽ حيسڪو جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي غفلت ڪندڙ عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي پراڻيون بجلي جون تارون تبديل ڪري نوان ٿنيا لڳائي تارون مناسب اوچائي تي منتقل ڪيون وڃن جيئن آئنده اهڙن خطرناڪ حادثن بچي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 24

دڪان کي نشانو بنايو. جتان هزارين روپيا روڪ رقم. سگريٽن جا پيڪٽ. بيٽري ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا دڪاندار گُل زمان ولد گُدو جوکيو موجب. چوري جي اها واردات رات جي وقت پيش آئي. صبح جو دڪان کولڻ تي ڪيس چوريءَ جو پتو پيو. جنهن کان پوءِ فوري طور تي مقامي پوليس کي واقعي جي اطلاع ڏني وئي. دڪاندار پاران گهارو ٿاڻي تي واقعي جي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي واپارين جو احتجاج ۽ مطالبو هن واقعي کان پوءِ علائقي جي واپارين ۽ دڪاندارن ۾ سخت ڳڻتي ۽ خوف واري فضا ڦهليل آهي. واپارين اڳواڻن واقعي تي سختءَ سان تشويش جو اظهار ڪندي اعليٰ اختيارين ۽ گهارو پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته چوري جي هن واقعي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد از جلد گرفتار ڪري قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي دڪاندار جو چوري ٿيل سامان ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۽ چوري جي اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ رات جي وقت پوليس جو گشت وڌايو وڃي ته جيئن ڪاروباري طبقو پنهنجو روزگار بي خوف ٿي ڪري سگهي

بقايا عوامي سوچ 25

دوران ڪم ڪندي ريلوي ملازم سڌير احمد جوڳي مبينا طور اوچتو ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو زخمي پورهيت کي فوري طور تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد سنڌس حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري وڌيڪ علاج لاءِ سکر منتقل ڪيو ويو ساٿي ملازمن موجب سڌير احمد جوڳي ڪچن ملازمن ۾ شامل آهي جيڪو ريلوي اسٽيشن تي جاري اپگريڊيشن جي ڪم دوران حادثي جو شڪار ٿيو واقعي ڪانپوءِ ساٿي ملازمن پاران ريلوي اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته زخمي پورهيت جي علاج جون سموريون ذميواريون سرڪار پاران کنيون وڃن ۽ ريلوي اسٽيشن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن لاءِ حفاظتي انتظامن جو پڻ فوري طور جائزو ورتو وڃي ملازمن جو چوڻ آهي ته زخمي پورهيت جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي تنهن ڪري سنڌس حياتي بچائڻ لاءِ ترت ۽ بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ حادثي جي سببن جي به جاچ ڪرائي وڃي

بقايا عوامي سوچ 26

چنا صاحب سان هڪ اهم ۽ پروقار ملاقات ٿي. لاڙڪاڻي ڊويزن جي نامياري سياسي ۽ سماجي شخصيت ڏاڏو الله بخش خان انڙ صاحب سيالڪوٽ مان خصوصي طور ڪهي آيل محترم فدا الله فل صاحب. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نومان گجر صاحب. سيد ڪامل شاهه جيلاني. انسپيڪٽر پناڻ خان ملاح صاحب ۽ سنڌس ٻين اهم ساٿين شرڪت ڪئي هن موقعي تي پنهنجي علائقي جي معزز شخصيتن ۾ مدد علي ڪوکر صاحب. سياسي اڳواڻ اعجاز سامٽيو صاحب. فيض محمد چنا صاحب. خير محمد سومرو صاحب. وڪيل جاويد علي چنا صاحب. وڪيل ڪرم علي چنا صاحب. فقير ارشاد سومرو صاحب. احمد علي راهوجو صاحب .شمشاد علي ٻگهيو صاحب. سچل ڳوٺ جي معزز شخصيت رياض رند صاحب. ماجد علي ڪانڌڙو صاحب. سيد حزب الله شاهه صاحب. محمد آصف سومرو صاحب سميت ٻيا ڪيترائي دوست موجود هئا ملاقات دوران ملڪ جي موجوده سياسي ۽ سماجي صورتحال. سنڌ جي درپيش مسئلن ۽ خاص ڪري سنڌ جي مستقبل يعني ٻارن کي تعليم ڏيارڻ واري اهم موضوع تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اڳواڻن گڏيل راءِ ڏني ته سنڌ جو مستقبل تعليم ۾ آهي اسان سيني کي گڏجي غريب ۽ مستحق ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪرڻ گهرجن. اڳواڻن چيو ته سنڌ جو مستقبل تعليم ۾ آهي. اسان سيني کي گڏجي غريب ۽ مستحق ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. اقبال حسين چنا صاحب جي سماجي خدمتن ۽ مهمان نوازي کي پڻ ساراهيو ويو

بقايا عوامي سوچ 27

د خان جي ڊجيٽل هيڊ عبدالستار پٽو کي عهدي تان هٽائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سنڌس جاءِ تي واجد گل سمون کي نئون ضلعي ڊجيٽل هيڊ مقرر ڪيو ويو آهي. پ پ پ ڊجيٽل ونگ پاران 21 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيل ڊي نوٽيفڪيشن موجب عبدالستار پٽو کي ڊجيٽل هيڊ ٽنڊو محمد خان جي عهدي تان فوري طور هٽايو ويو آهي. نوٽيفڪيشن ۾ سنڌس عهدي تان هٽائڻ جو سبب تنظيمي ڊسيپلين ۽ پارٽي ضابطن جي سنگين ڀڃڪڙي ٻڌايو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب عبدالستار پٽو سان ڊجيٽل هيڊ جي عهدي سان لاڳاپيل سمورا اختيار. ذميواريون ۽ مراعتون پڻ فوري طور واپس ورتيون ويون آهن. ٻئي طرف پ پ پ ڊجيٽل ونگ پاران جاري ڪيل ٻئي نوٽيفڪيشن ۾ پ پ پ ڊجيٽل ڊويزنل هيڊ حيدرآباد جي سفارش تي واجد گل سمون کي ٽنڊو محمد خان جو نئون ضلعي ڊجيٽل هيڊ مقرر ڪيو ويو آهي.مقرري واري نوٽيفڪيشن موجب واجد گل سمون هاڻي ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ پ پ پ ڊجيٽل ونگ جون ذميواريون سرانجام ڏيندو. ٻنهي نوٽيفڪيشنن تي پ پ پ ڊجيٽل سنڌ جي سربراهه نديم احمد پٽو جون صحيحون موجود آهن.

بقايا عوامي سوچ 28

جون خبرون ميڊيا تي نشر ٿيڻ کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي نوٽيس وٺندي پنهنجي ٽيم کي احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ موڪليو. اي سي بدين راجيش ڪمار دلپت جي اڳواڻي ۾ انتظامي ٽيم سيراڻي پهتي. جتي بائيڪاٽ ڪندڙ ڌرجي ڪميٽي ميمبرن قادر بخش گهراڻو. تاج محمد گهراڻو. يونس گهراڻو. شفيع چانگ. عطا محمد چانگ. صالح رند ۽ معشوق علي ملاح سان ملاقات ڪري سندن مطالبا ٻڌا ڪميٽي ميمبرن چيو ته سندن هن وقت بنيادي ۽ اهم مطالبو سيراڻي کان مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ڏانهن ويندڙ روڊ ۽ رستن تي موجار دلپت ڪميٽي جي مطالبي سان اتفاق ڪندي يقين ڏياريو ته روڊ ۽ مورين جي مرمت جو ڪم ڪجهه ئي مهينن اندر ڪرايو ويندو. ان سلسلي ۾ انتظاميا ۽ ڪميٽي ميمبرن وچ ۾ لکت ۾ معاهدو پڻ ڪيو ويو. انتظاميا جي يقين ڏيارڻ ۽ لکت ۾ واعدي کان پوءِ احتجاج ڪندڙن پوليو مهم جو بائيڪاٽ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

بقايا عوامي سوچ 29

سان تعزيت ڪندي وارثن سان دلي همدردي ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو اڳواڻن پنهنجي مذمتي بيان ۾ چيو آهي ته محمد رمضان پنهور جي موت کي ڇهه مهينا گذرڻ باوجود واقعي جا اصل حقيقتون سامهون نه اچڻ ۽ پوليس طرفان قتل يا خودڪشي بابت حتمي نتيجي تي نه پهچڻ انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. هڪ 14 ورهين جو شاگرد پراسرار حالتن ۾ فوت ٿئي. سنڌس وارث انصاف لاءِ در در ڀٽڪندا رهن ۽ مهينن تائين جاچ ڪنهن حتمي نتيجي تائين نه پهچي. اهو انصاف ۽ قانون جي بالادستي بابت ڪيترائي سوال پيدا ڪري ٿو. سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻن چيو ته اسان سمجهون ٿا ته هي رڳو هڪ شاگرد جو قتل يا موت ناهي. پر هي پوري سماج جي امن. تحفظ ۽ مستقبل جو قتل آهي. جيڪڏهن تعليمي عمر جو هڪ ٻار به محفوظ نه هجي ۽ سنڌس موت جو معمو مهينن تائين حل نه ٿئي ته والدين ۽ شاگردن اندر خوف ۽ بيچيني پيدا ٿئي ٿي هنن چيو ته پوليس جي ذميواري آهي ته واقعي جي هر رخ کان شفاف. غيرجانبدار ۽ ميرٽ تي جاچ ڪري. جن ماڻهن کي اڳ ۾ شاملِ تفتيش ڪيو ويو. انهن بابت جاچ جي نتيجن. پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ ٻين اهم ثبوتن کي قانوني طريقي سان سامهون آندو وڃي. جيئن وارثن کي حقيقت معلوم ٿي سگهي. سنڌي شاگرد تحريڪ مطالبو ڪري ٿي ته محمد رمضان پنهور جي واقعي جي شفاف جاچ لاءِ ايماندار ۽ قابل پوليس آفيسرن تي مشتمل نئين جي آءِ ٽي جوڙي وڃي. پوسٽ مارٽم رپورٽ سميت سمورا اهم ثبوت سامهون آندا وڃن ۽ واقعي جي اصل حقيقت وارثن ۽ عوام آڏو پڌري ڪئي وڃي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن محمد رمضان پنهور کي قتل ڪيو ويو آهي ته قتل ۾ ملوث ماڻهن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن ته جيڪڏهن خودڪشي جو نتيجو سامهون اچي ٿو ته ان جا سبب به واضح ڪيا وڃن. مظلوم خاندان کي انصاف فراهم ڪرڻ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ذميواري آهي. سنڌي شاگرد تحريڪ وارثن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي چيو ته محمد رمضان پنهور جي موت جي حقيقت سامهون آڻڻ ۽ خاندان کي انصاف ملڻ تائين سندن آواز هر جمهوري ۽ قانوني فورم تي اٿاريو ويندو

بقايا عوامي سوچ 30

ووٽر تعليم بابت آگاهي جي عنوان سان خصوصي ووٽر آگاهي پروگرام / ورڪشاپ جو انعقاد ڪيو ويو پروگرام / ورڪشاپ جو مقصد عورتن ۾ شهري ۽ جمهوري شعور کي فروغ ڏيڻ. عورتن جي ووٽ جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪرڻ. ووٽر رجسٽريشن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ ۽ شرڪت ڪندڙن کي چونڊ عمل ۾ پنهنجي ووٽ جو حقِ ذميواراڻي استعمال لاءِ ضروري معلومات فراهم ڪرڻ هو. ان موقعي تي ضلعي اليڪشن ڪمشنر بدين جناب ظهير احمد يونيورسٽي جي شاگردياڻن کي ووٽ جي اهميت. ووٽر رجسٽريشن. چونڊ عمل ۾ عورتن جي شرڪت ۽ هڪ ذميوار شهري جي حيثيت سان حقِ راءِ دهي جي ذميواراڻي استعمال بابت بريفنگ ڏني. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عورتون معاشري جو اهم ۽ اثرائتو حصو آهن. جڏهن ته چونڊ عمل ۾ سندن بامعنيٰ شرڪت جمهوري شعور جي فروغ ۽ جمهوريت جي مضبوطي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. شاگردياڻن پروگرام ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ چونڊ عمل. چونڊن ۾ عورتن جي شرڪت جي اهميت. ووٽر رجسٽريشن ۽ حقِ راءِ دهي بابت مختلف سوال ڪيا. سوال جواب واري سيشن دوران ضلعي اليڪشن ڪمشنر بدين سوالن جا تفصيلي جواب ڏنا. هن آگاهي پروگرام جو مقصد نوجوان نسل ۽ عورتن کي چونڊ عمل بابت درست ۽ مستند معلومات فراهم ڪرڻ. شهري ذميوارين بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ معاشري جي عورتن ۾ ووٽر آگاهي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ڦهلائڻ آهي. آخر ۾ ضلعي اليڪشن ڪمشنر بدين يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر طفيل احمد چانڊيو جو شاگردياڻين لاءِ ووٽر ايجوڪيشن پروگرام منعقد ڪرڻ تي خصوصي شڪريو ادا ڪيو

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

منياڻي پرسان ڳوٺ قلو جو واهڻ جي قديمي قبرستان مان مبينا وڻن جي واڍي خلاف احتجاج

ناروشاهہ پرسان ڳوٺ قلو جو واهڻ جي رهواسي دلدار سولنگي مبينا وڻن جي واڍي خلاف احتجاج

جيڪا وڻن جي غيرقانوني واڍي ڪئي وئي آهي ان ۾ اسان جي ڳوٺ جا عبدالباسط سولنگي صبيح الرحمان عرف گبري سولنگي ڪئي آهي

وڻ ڪپائي هنن پنهنجو الو سڌو ڪيو آهي ۽ پنهنجي لاءِ وڻن جي پيسن مان گاڏيون ورتيون آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي

منياڻي)ريپورٽ ميول خان مستوئي(منياڻي پرسان ڳوٺ قلو جو واهڻ جي قديمي قبرستان مان مبينا وڻن جي واڍي خلاف دلدار سولنگي جو احتجاج ناروشاهہ پرسان ڳوٺ قلو جو واهڻ جي رهواسي دلدار سولنگي مبينا وڻن جي واڍي خلاف احتجاج /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

روهڙي جي علائقي درگاھ سخي ين پناھ پرسان ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

روهڙي(رپورٽر) روهڙي جي علائقي درگاھ سخي ين پناھ پرسان ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

رويئہ زال ڪيول ڪولهي لاش هٿ فوتڻ ناري جي پيءُ ۽ چاچي پاران مڙس ڪيول ڪولهي سميت سهراڻي گهرتي مارڻ جو الزام

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر ويجهو ڳوٺ جئو ڪولهي ۾ گهر مان 21 ورهين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول محب رند جي عمارت زبون حال، شاگردن ۽ استادن جي زندگين کي خطرو

محب رند: گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول محب رند جي عمارت انتهائي زبون حال تي وئي آهي

اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ وقت بہ وقت ڪرڻ سبب معصوم شاگردن ۽ استادن جي جانين کي سخت خطرو لاحق آهي

اسڪول جي عمارت ڪافي عرصي کان مرمت طلب آهي، ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ معمول بڻجي ويا آهن

محب رند(رپورٽ: ڪاشف علي رند) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول محب رند جي عمارت زبون حال، شاگردن ۽ استادن جي زندگين کي خطرو محب رند: گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول محب رند جي عمارت انتهائي زبون حال تي وئي آهي، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4



ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو

سيپٽمبر ۾ جاري ايس اين آءِ ڊيز پوليو مهم تحت فيلڊ سرگرمين جو جائزو ورتو

يونيسف جو ٽيم ليڊ ڊاڪٽر جارج ڪاراوتا پڻ ڊپٽي ڪمشنر سان گڏ هو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪري سيپٽمبر ۾ جاري ايس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سڄاول ۾ پٽ خلاف ماءُ ۽ پيئر دانهن ڪٽي پريس ڪلب پهتا

پٽ علي محمد ملاح نافرمان تي ماءُ ۽ پيئرن خلاف سوشل ميڊيا تي نازيبا ۽ گندا لفظ لکي رهيو آهي

اسان علي محمد ملاح کان لاتعلقي جو اظهار ڪندي سنڌس خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪريون ٿا (ماءُ مسمات ماروي ۽ پيئر صالح محمد، رسول بخش ۽ سڪندر ملاح)

هن جي نافرماني گندا لفظ لکڻ ۽ عام ماڻهن کان ملندڙ شڪايتن جي ڪري اسين علي محمد ملاح کان لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا

سڄاول(رپورٽ:امتياز ميمڻ) سڄاول ۾ پٽ خلاف ماءُ ۽ پيئر دانهن ڪٽي پريس ڪلب پهتا پٽ علي محمد ملاح نافرمان تي ماءُ ۽ پيئرن خلاف سوشل ميڊيا تي نازيبا ۽ گندا لفظ لکي رهيو آهي اسان علي محمد ملاح کان لاتعلقي جو اظهار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڇوهڙ جمالي پوليس پاران مبينا ڦورن سان مقابلي جي دعوا، ٽي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ڇوهڙ جمالي پوليس پاران ڪاري موري اسٽاپ وٽ مبينا پوليس مقابلي دوران ٽن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي

جنهن ۾ ڇوهڙ جمالي سٽي جي رهواسي نويد ميراڻي غلام نبي خاصخيلي ۽ زاهد خاصخيلي شامل آهن

ايس ايس پي سڄاول جي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن کان پڇا ڳاڇا دوران انڪشاف ٿيو

ڇوهڙ جمالي (رپورٽ شاهد حسيني) ڇوهڙ جمالي پوليس پاران مبينا ڦورن سان مقابلي جي دعوا. ٽي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار خبر موجب : ڇوهڙ جمالي پوليس پاران ڪاري موري اسٽاپ وٽ مبينا پوليس مقابلي دوران ٽن جوابدارن کي زخم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪاٽي واهہ لڳ لڪ ٻتيهہ جي لڙندڙ بجلي جي تار هيٺان گذرندڙ ٽرڪ کي باهہ، ڪيترائي ماڻهو زخمي

باهہ لڳڻ ڪانپوءِ ٽرڪ جي مٿان ويٺل ڪجهہ ماڻهن جان بچائڻ لاءِ ٽرڪ تان ٽپو ڏنو

جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

علائقي واسين موجب ڪجهہ ڏينهن اڳ پڻ 103 موري، ڳوٺ عيسا پنهور ۾ بجلي جي تار سبب افسوسناڪ واقعو پيش آيو هو

غلام الله (رپورٽ: بابو جان هنگورجو)غلام الله شهر لڳ ڳوٺ هارون چانڊيو پرسان ڪاٽي واهہ لڳ لڪ ٻتيهہ وٽ لڙندڙ بجلي جي تار هيٺان پلال سان ڀريل ٽرڪ گذرڻ دوران اوچتو بجلي جي تار ٽرڪ سان لڳي وئي، جنهن سبب ٽرڪ کي باهہ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي جوهي جي طرفان بلاول ڀٽو زرداري جي 38 هين سالگرہ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

تقريب ۾ پ پ ۽ ان جي ذيلي تنظيمن ليڊيز ونگ سميت مختلف يونين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ورڪرن جيالن وڏي تعداد ۾ شرڪت

پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي مڪمل اعتماد آهي سنڌ آهي

پيپلزپارٽي آهي سياسي مخالف هميشہ جيان هن دفعي بہ مايوس ٿي رهندا ۽ پيپلزپارٽي هميشہ جيان سوپ ماڻيندي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي جوهي جي طرفان چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي 38 هين سالگرہ جو ڪيڪ جمالي هائوس جوهي ۾ عقيدت ۽ احترام سان ڪاٽيو ويو. تقريب ۾ پ پ ۽ ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان نوٽيس جو مطالبو

چوري جو انتظام متاثر جوڙي جو انصاف ۽ تحفظ لاءِ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان نوٽيس جو مطالبو

واردات جو مک مبينا جوابدار ويڪو ڪولهي ڦريل سامان ۽ رقم واپس ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو

ميرپور خاص(بيوروچيف سومارسميجو) ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان نوٽيس جو مطالبو چوري جو انتظام متاثر جوڙي جو انصاف ۽ تحفظ لاءِ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان نوٽيس جو مطالبو ميرپورخاص: ضلعي ٽنڊوالهيار جي مسن شهر پرسان ڳوٺ حاجي نبي خان ميئو جي رهواسي روشن ڪولهي پنهنجي گهرواري سان گڏ ميرپورخاص اختجاج ڪندا چيو تہ هڪ مهينو اڳ سنڌن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري

سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن جا مسئلا ۽ شڪايتون ٻڌيون ويون

پگهارن، پينشن، جي پي فنڊ، مالي سهائتا ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري، سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن جا مسئلا ۽ شڪايتون ٻڌيون ويون ميرپورخاص: ريجنل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دادو ۾ سنوڪر جي آڙ ۾ مبينا جوا، دڪان مالڪ جو 16 ورهين جي شاگرد ملازم تي سنوڪر اسٽڪ سان تشدد

سنوڪر دڪانن تي جهيڙا پڻ معمول بڻيل آهن، شهرين پوليس جي مبينا خاموشي تي پڻ ڳڻتي جو اظهار

16 ورهين جي ملازم ۽ شاگرد سني سولنگي کي سنوڪر جي اسٽڪ سان سخت تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو شهر ۾ اسڪول جي وقت دوران سنوڪر گيم ۽ رات دير تائين مبينا جوا هلڻ جو سلسلو جاري هجڻ سبب شاگردن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ضلعي گهوٽڪي جي 4 لک کان وڌيڪ ٻارڙن کي پوليو وائرس کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري مهم جاري

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد مختلف علائقن جو دورو

پوليو مهم جي ڪارڪردگي، ٽيمن جي حاضري ۽ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري عمل جو جائزو ورتو

ميرپورماٿيلو (رپورٽر شاهد ميراڻي)ضلعي گهوٽڪي جي 4 لک کان وڌيڪ ٻارڙن کي پوليو وائرس کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري مهم جاري ڊپٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڇوهڙ جمالي لڳ 3 ڏينهن اڳ مسافر بس ۾ ڦر ڪندڙ ٽولي جا 3 جوابدار مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار

ٽي ٽي پستول، موٽر سائيڪل، موبائيل فون ۽ مسافرن جا ڦريل سڃاڻپ ڪارڊ هٿ زخمي حالت ۾ گرفتار

جوابدارن جي سڃاڻپ غلام نبي خاصخيلي، نويد ميراڻي، زاهد خاصخيلي جي نالن سان ٿي

سڄاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) ڇوهڙ جمالي لڳ 3 ڏينهن اڳ مسافر بس ۾ ڦر ڪندڙ ٽولي جا 3 جوابدار مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

مرڻانس برادري جي ٻن ڌرين ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو فائرنگ، نتيجي ۾ 3 ڄڻا مارجي ويا

ٻن عورتن سميت ٻنهي ڌرين جا 8 ماڻهون زخمي ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ برقرار

ميرپورماٿيلو (رپورٽر شاهد ميراڻي) ميرپور ماٿيلو ويجهو مرڻانس برادري جي ٻن ڌرين ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو فائرنگ، نتيجي ۾ 3 ڄڻا م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ٽنڊوالهيار جي متاثر جوڙي روشن ۽ سنيتا ڪولهي پاران انصاف لاءِ دانهن

هڪ مهينو اڳ سنڌن گهر ۾ هٿيارن جي زور تي ڪانو ولد رامجي ڪولهي ۽ 2 نامعلوم هٿياربندن ڌاڙو هنيو

جنهن دوران قيمتي سامان ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا بعد ۾ واردات ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ٿي وئي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ٽنڊوالهيار جي متاثر جوڙي روشن ۽ سنيتا ڪولهي پاران انصاف لاءِ دانهن. ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان نوٽيس وٺڻ ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

نوري آباد ڪوهستان ۾ ناياب پکين جي شڪار خلاف قلم 144 لاڳو

صحافي سارنگ پالاري جي منع ڪرڻ تي مبينا تشدد جي مذمت

ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽي جي عهديدارن ۽ صحافتي برادري پاران سخت تشويش ۽ مذمت جو اظهار

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) نوري آباد ڪوهستان ۾ ناياب پکين جي شڪار خلاف قلم 144 لاڳو. صحافي سارنگ پالاري جي منع ڪرڻ تي مبينا تشدد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي محترم بلاول ڀٽو زرداري صاحب جي 38هين سالگرہ تقريب

پيپلزپارٽي تعلقہ صدر گهوڙاٻاري محمد رمضان پنهور جي صدارت ۾ وڏي جوش وخروش سان ملهائي وئي

سالگرہ تقريب ۾ چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور خصوصي شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي محترم بلاول ڀٽو زرداري صاحب جي 38هين سالگرہ تقريب ضامن هائوس گهوڙاٻار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ايس ايس پي ٺٽو جي صدارت هيٺ ضلعي جي سمورن پوليس آفيسرن سان اهم ڪرائم ميٽنگ

غفلت يا ناقص ڪارڪردگي جا مرتڪب اهلڪارن خلاف سخت ڪاٽي واري ڪارروائي ڪئي ويندي

بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽن ۽ نقد انعامن سان نوازيو ويندو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ايس ايس پي ٺٽو جي صدارت هيٺ ضلعي جي سمورن پوليس آفيسرن سان اهم ڪرائم ميٽنگ ٺٽو: ايس ايس پي ٺٽو عديل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

شبير احمد ولد محمد قاسم ماڇيري ملاح سان شادي ڪرڻ بعد سنڌس وارث سنڌس جان جا دشمن بڻجي ويا

جن پاران گذريل رات دير سان سنڌس گهرن تي ڪاهہ ڪري فائرنگ

ڌڪاءِ پکيڙڻ بعد ٻن نياڻين کي مبينا طور اغوا ڪرڻ سميت هڪ عورت کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) هڪ هفتو اڳ پنهنجي مرضي سان شادي ڪندڙ تعلقي گهوڙاٻاري جي ڳوٺ محمد سومار ماڇيرو ملاح جي رهواسڻ جو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

گورنمينٽ گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج

هيڊ مسٽريس گلناز جوکيو جي اڳواڻي ۾ شاگرديائڻين ۽ استادن اسڪول کان مين پوليس چوڪي تائين ريلي

احتجاج دوران شاگرديائڻين ۽ استادن بجلي جي بحالي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ نعريبازي ڪئي

ٺٽو (رپورٽ رپورٽ واحدشورو) ميرپور ساڪرو جي گورنمينٽ گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

پي آءِ ڊي سي سوسائٽي: اقبال حسين چنا جي ڪچهري _ سنڌ جي ڪريم جو هڪ ٿي چلهہ

پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا سان پ پ اڳواڻ بشير احمد خاصخيلي ۽ ٻين جي اهم ملاقات

سنڌ جي مستقبل، تعليم، ٻولي ۽ ڪراچي ۾ پنهنجي ماڻهن جي مالڪي جي ڳالهہ ڪندو آهي. بشير خاصخيلي

اقبال حسين چنا جهڙا ماڻهو ايندڙ نسل لاءِ رستو ڏيکاريندڙ ڏيئا بڻجي ويندا آهن. هو صرف ملاقات نہ ڪندا آهن، هو سوچ ڏيندا آهن ۽ تحريڪ جوڙيندا آهن

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) پي آءِ ڊي سي سوسائٽي: اقبال حسين چنا جي ڪچهري _ سنڌ جي ڪريم جو هڪ ٿي چلهہ پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا سان پ پ اڳواڻ بشير احمد خاصخيلي ۽ ٻين جي اهم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڳوٺ گل محمد چانڊيو ۾ حيسڪو جي مبينا غفلت ۽ لاپرواهي سبب هڪ ٻيو خطرناڪ واقعو

جتي پلال سان ڀريل ٽرڪ هيٺ لٽڪيل 132 ڪي وي بجلي جي تارن سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ اوچتو باهہ جي لپيٽ ۾ اچي وئي

باهہ ايتري شدت سان پکڙجي وئي جو ٽرڪ پلال سميت مڪمل طور سڙي رک ٿي وئي

خوشقسمتي سان ڪنهن بہ انساني جاني نقصان جي اطلاع ناهي واقعي ڪانپوءِ علائقي جا رهواسي وڏي انگ ۾ پهچي ويا

گهوڙاٻاري (شا خالد ڏاتاري) ور ڳوٺ هارون چانڊيو ڳوٺ گل محمد چانڊيو ۾ حيسڪو جي مبينا غفلت ۽ لاپرواهي سبب هڪ ٻيو خطرناڪ واقعو پيش آيو جتي پلال سان ڀريل ٽرڪ هيٺ لٽڪيل 132 ڪي وي بجلي جي تارن سان ٽڪرائج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

گهارو: ڪي ڊي اي روڊ تي دڪان مان روڪ رقم ۽ سامان چوري، واپارين ۾ ڳڻتي

گذريل رات نامعلوم جوابدارن ڪي ڊي اي روڊ جي پوئين پاسي واقع هڪ دڪان کي نشانو بڻايو

جتان هزارين روپيا روڪ رقم، سگريٽن جا پيڪٽ، بيٽري ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) گهارو ۾ چوري جون وارداتون جاري آهن. گذريل رات نامعلوم جوابدارن ڪي ڊي اي روڊ جي پوئين پاسي واقع هڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

روهڙي ريلوي اسٽيشن جي اپگريڊيشن جي ڪم دوران پورهيت اوچتو ڪرڻ سبب سخت زخمي

روهڙي ريلوي اسٽيشن تي جاري اپگريڊيشن منصوبي دوران ڪم ڪندي ريلوي ملازم سڌير احمد جوڳي مبينا طور اوچتو ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو

زخمي پورهيت کي فوري طور تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد سنڌس حالت ڳڻتي جوڳي

سڌير احمد جوڳي ڪچن ملازمن ۾ شامل آهي جيڪو ريلوي اسٽيشن تي جاري اپگريڊيشن جي ڪم دوران حادثي جو شڪار ٿيو

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ريلوي اسٽيشن جي اپگريڊيشن جي ڪم دوران پورهيت اوچتو ڪرڻ سبب سخت زخمي، ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال منتقل تفصيل موجب روهڙي ريلوي اسٽيشن تي جاري اپگريڊيشن منصوبي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪراچي: پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ اهم شخصيتن جي سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا سان ملاقات

ڪراچي جي پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ سنڌ جي ناليواري، سخي ۽ هر دلعزيز سماجي اڳواڻ محترم اقبال حسين چنا صاحب سان هڪ اهم ۽ پروقار ملاقات ٿي

نومان گجر صاحب، سيد ڪامل شاهہ جيلاني، انسپيڪٽر پناهہ خان ملاح صاحب ۽ سنڌس ٻين اهم ساٿين شرڪت ڪئي

سيد حزب الله شاهہ صاحب، محمد آصف سومرو صاحب سميت ٻيا ڪيترائي دوست موجود هئا

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي: پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ اهم شخصيتن جي سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا سان ملاقات ڪراچي جي پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ سنڌ جي ناليواري، سخي ۽ هر دلعزيز سماجي اڳواڻ محترم اقبال حسين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ٽنڊو محمد خان پ پ ڊجيٽل ونگ ۾ تبديلي، عبدالستار پيٽو عهدي تان هٽايو ويو، واجد گل سمون نئون ضلعي ڊجيٽل هيڊ مقرر

: پاڪستان پيپلز پارٽي ڊجيٽل ونگ پاران ٽنڊو محمد خان جي ڊجيٽل هيڊ عبدالستار پيٽو کي عهدي تان هٽائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

عبدالستار پيٽو کي ڊجيٽل هيڊ ٽنڊو محمد خان جي عهدي تان فوري طور هٽايو ويو آهي

نوٽيفڪيشن ۾ سنڌس عهدي تان هٽائڻ جو سبب تنظيمي ڊسيپلين ۽ پارٽي ضابطن جي سنگين ڀڃڪڙي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان پ پ ڊجيٽل ونگ ۾ تبديلي، عبدالستار پيٽو عهدي تان هٽايو ويو، واجد گل سمون نئون ضلعي ڊجيٽل هيڊ مقرر ٽنڊو محمد خان: پاڪستان پيپلز پارٽي ڊجيٽل ونگ پاران ٽنڊو محم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

بدين جي ساحلي پٽي جي 50 ڳوٺن جي رهواسين جو پوليو مهم جو بائيڪاٽ ختم

بدين جي ساحلي پٽي جي 50 کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين پاران ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ خلاف جاري پوليو مهم جي بائيڪاٽ جون خبرون ميڊيا تي نشر ٿيڻ کان پوءِ نوٽيس

ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي نوٽيس وٺندي پنهنجي ٽيم کي احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ موڪليو

يونس گهراڻو، شفيع چانگ، عطا محمد چانگ، صالح رند ۽ معشوق علي ملاح سان ملاقات ڪري سنڌن مطالبا ٻڌا

بدين (رجب راهمون) بدين جي ساحلي پٽي جي 50 ڳوٺن جي رهواسين جو پوليو مهم جو بائيڪاٽ ختم بدين جي ساحلي پٽي جي 50 کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين پاران ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ خلاف جاري پوليو مهم جي بائيڪا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

بدين 14 ورهين جي شاگرد محمد رمضان پنهور جي پراسرار موت تي سنڌي شاگرد تحريڪ جو سخت مذمتي بيان

مرتضيٰ پنهور ۽ وڏي چاچي حاجي غني پنهور سان تعزيت ڪندي وارثن سان دلي همدردي ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو

واقعي جا اصل حقيقتون سامهون نہ اچڻ ۽ پوليس طرفان قتل يا خودڪشي بابت حتمي نتيجي تي نہ پهچڻ انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي

بدين (رجب راهمون) بدين 14 ورهين جي شاگرد محمد رمضان پنهور جي پراسرار موت تي سنڌي شاگرد تحريڪ جو سخت مذمتي بيان سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي بدين جي جنرل سيڪريٽري عبدالغفور نوتڪاڻي ۽ ضلعي اڳواڻ تري ديو مارا ج، 14 ورهين جي شاگرد محمد رمضان پنهور جي وارثن سنڌس وڏي پيئرن سجاد پنهور ۽ مرتضيٰ پنهور ۽ وڏي چاچي حاجي غني پنهور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

بدين سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ ”نوجوانن ۽ عورتن لاءِ شهري ۽ ووٽر تعليم بابت آگاهي سيشن“

ووٽر تعليم بابت آگاهي جي عنوان سان خصوصي ووٽر آگاهي پروگرام / ورڪشاپ جو انعقاد ڪيو ويو

طفيل احمد چانڊيو جو شاگرديائڻين لاءِ ووٽر ايجوڪيشن پروگرام منعقد ڪرڻ تي خصوصي شڪريو ادا ڪيو

بدين (رجب راهمون) بدين سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ ”نوجوانن ۽ عورتن لاءِ شهري ۽ ووٽر تعليم بابت آگاهي سيشن“ بدين ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس بدين پاران سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ عورتن لاءِ شهري ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30